

تذکرۃ الصوفیان

تصنیف

حضرت صوفی ولی محمد

(تراب) درگاہ تجل شریف

مرتب

احقر الحقیر

صوفی نادر علی ستاری

بزمِ تراب اکیڈمی درگاہ تجل شریف

تذڪرة الصوفيان

تصنيف

حضرت صوفي ولي محمد

(تراب) درگاه تجل شريف

مرتب

احقرالحقير

صوفي نادرعلي ستاري

بزمِ تراب اڪيڊمي درگاه تجل شريف

عنوان بفهرست

شمار نمبر	عنوان	صفحه نمبر
01	حضرت مخدوم صدرالدين جو سنڌ ۾ اچڻ	01
02	حضرت شاهہ شهيد عليہ رحمت جي تولد ۽ ننديپڻ جو احوال	04
03	حضرت صوفي صاحب جو مرشد جي ڳولا ۾ نڪرڻ	05
04	مرشد جي ڪچهريءَ ۾ سندن مجاهدا	06
05	حضرت صوفي صاحب جو سنڌ واپس اچڻ	08
06	ان وقت جي پيرن جو ساڻن حسد	09
07	حضرت شاهہ شهيد عليہ رحمت جي شادين جو ذڪر	15
08	يار محمد ڪلهوڙي جو ضد پوَڻ	16
09	سندن مريدن جو ارادو	19
10	وڏن خليفن جا نالا جن همٿ هلائڻ جي اجازت طلب ڪئي	22
11	سندن جواب مريدن کي	23
12	لڙائي جو بيان 18 ذوالقعد 1129 هہ کان 09 صفر 1130هہ تائين	25
13	ڪلهوڙن جي دوهہ جي رٿ	26
14	حضرت صوفي صاحب ۽ ڪلهوڙي جي وچ ۾ گفتگو	30
15	سندن ياءُ ۽ پائيتي جي شهادت فقيرن سميت	33
16	سر مبارڪ جو دهلي وڃڻ لاءِ نيزي تي سوار ٿيڻ	37
17	سر مبارڪ جي مخدوم ناري ۽ هڪ فقير سان گفتگو	44
18	سر مبارڪ جو رستي ۾ مريد ڪرڻ	46

شمار نمبر		صفحہ نمبر
19	دهليءِ ۾ سر مبارڪ جي پهچڻ جو احوال	46
20	سر مبارڪ جو سنڌ ۾ اچڻ	47
21	شهنشاهه شهيد کان پوءِ صوفين لاءِ وقتي تڪليفون	47
22	حضرت شاهه شهيد عليہ رحمت جي اولاد جو بيان	48
23	حضرت شاهه خليل الله شاهه عليہ رحمت جو بيان	48
24	حضرت شاهه عزت الله شاهه عليہ رحمت جو بيان	49
25	حضرت شاهه سلام الله شاهه (قلندر) عليہ رحمت جو بيان	51
26	ڪلهوڙي کي شاهه سلام الله شاهه جي تجل واري پٽ تي هجڻ جي خبر ملڻ ۽ سندس رد عمل	57
27	مئل ماڻهوءَ کي جيئري سان ملائڻ (معجزو حضرت ٽرڏٽي بادشاهه)	59
28	حضرت عزت الله شاهه (گند پير) جي اولاد جو بيان ۽ حضرت نالي چگو شاهه جي اولا کي گادي ملڻ	63



روضہ مبارک حضرت سرتاج صوفيا شاھ عنايت اللہ
شھيد عليہ رحمت جو پراڻو ڏيک

روضہ مبارک حضرت سرتاج صوفيا شاھ عنايت اللہ
شھيد عليہ رحمت جو موجوده ڏيک



روضہ مبارڪ حضرت شاھ سلام اللہ شاھ (قلندر)
عليہ رحمت جو پراڻو ڏيک

روضہ مبارڪ حضرت شاھ سلام اللہ شاھ (قلندر)
عليہ رحمت جو موجوده ڏيک







هٿ اکر
حضرت صوفي ولي محمد (تراب) سائين
سجاده نشين (9)
درگاهه تجل شريف



حضرت صوفي ولي محمد تراب سائين
سجاده نشين (9) درگاهه تجل شريف

حضرت مخدوم صدرالدين جو سنڌ ۾ اچڻ

حضرت مخدوم صدر الدين سن (900) هجري ۾ بغداد شريف کان سنڌ ۾ وارد ٿيا هئا مخدوم صدر الدين صاحب قسمت قيدالماء جي سانگي وطن ڇڏي هندستان جو رخ ڪيو ۽ رياست بهاولپور جي اُچ غوثيه شريف ۾ جتي مشهور جيلاني سيدن جو خاندان آهي اتي پهتا اتي هڪ مدرسو هو جتي ان وقت اُچ شريف جي گادي نشين جو فرزند مولوي صاحب کان تعليم وٺندو هو اتي اچي لٿا اتي ڏسڻ ۾ آين ته ان صاحبزاده جي طبع عني هئڻ سبب استاد جي تمام گهڻي چينپ ڏني ٿي صاحبزاده کي سبق دل تي نه ٻيهي استاد زجر کان بس نه ڪري مخدوم صدر الدين کي اهل سيادت ۽ شرافت جي نينگر جو ايتري چينپ هيٺ رهڻ ناگوار لڳو ان وقت رحمدلي سبب صاحبزاده کي سبق سيکارڻ ۾ مدد ڪئي رب ڪريم جي فضل سان مخدوم صاحب جي زبان جي تاثير کان صاحبزاده پنهنجي والدبزرگوار کي چيو ته مخدوم صدر الدين جو ٻاهران پرديسي آيل آهي مون کي ان وٽ سبق سکڻ لاءِ ڇڏيو اڳوڻي استاد جي سيکارڻ کان مون کي ڪو به فائدو ڪو نه ٿيو

قيدالماء: هي هڪ عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي قيدي جي قسمت حضرت مخدوم صدرالدين صاحب جن جنهن وقت سندن وطن ڇڏيو اهو وقت سيدن تي تمام ڏکيو هيو جيڪڏهن پاڻ ائين نہ ڪن هان تہ يان قيد ڪيا وڃن هان يان وري قتل ڪيا وڃن هان

طبع عني: هي هڪ عربي لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي فطرت جي مطابق

زجر: هي پڻ هڪ عربي لفظ آهي جنهن جي معنىٰ آهي دڙڪو دهمان يان ملامت

۽ ان وقت جي حالت والد کي بيان ڪري ٻڌايائين. آخر الامر گادي نشين صاحب مخدوم صدر الدين صاحب کي پٽ جي تعليم ڏيڻ لاءِ تڪليف رکي, مگر مخدوم صاحب ورنديءَ ۾ چيو ته ائين نه سيڪاربو جڏهن وڏا بزرگ جن جي اولاد ۽ خاندان مان او هان آهيو انهن جو امر ٿيندو تڏهن ان ڪم ۾ هٿ وجهبو مخدوم صاحب جي انهي ٻڌايل رستي موجب گادي نشين صاحب پنهنجن وڏن بزرگن وٽ راتجو استخارو ڪيو ان موجب مخدوم صاحب کي بشارت ٿي انکري مخدوم صاحب اتي اُچ شريف ۾ صاحبزادي جو استاد مقرر ٿيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ صاحبزادو تحصيل جو صاحب ٿي ويو. مخدوم صاحب کي اڳتي وڃڻ جو خيال هو تنهنڪري پاڻ موڪلايائون, پير صاحب جو گادي نشين هو تنهن کين خلافت جو پروانو لکي ڏنو جو ان وقت اُچ کان ڪراچي تائين سڀ ملڪ پيري مريدي نسبت سان اُچ وارن جي تابع هو اهو پروانو وٺي مخدوم صاحب موڪلائي نڪتو ۽ سير ڪندو ڪندو جڏهن ميرانپور شهر واري هنڌ پهتو تڏهن اهو پٽ سڪونت لاءِ کين پسند آيو ۽ اتي رهڻ اختيار ڪيائون اهاميرانپور هاڻوڪي ميرانپور کان ميل پنڌتي واقع آهي ۽ هينئر اتي پٽ آهي

اُچ غوثيه جي سجاده نشين پير صاحب جو نالو محمد غوث گيلاني (بندگي) هو ۽ جنهن صاحبزادي کي مخدوم صاحب قرآن پاڪ جي تعليم ڏني ان جو نالو عبدالقادر گيلاني هو... روايت صوفي صدرالدين ستاري القادري درگاه تجل شريف جي بزباني صوفي ذوالفقار علي من ستاري

ان وقت اتي خواجا قوم جا ماڻهون گهٽي انداز ۾ رهندا هئا ۽ مسلمان نه هئا حڪومت مسلمانن جي هئي انڪري خواجن کي به مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش جاري هئي ايتري قدر جو ڪن مذهبي ڳالهين تان سندن ماڻهن جون زبانون ڪڍيون ويو حڪومت جي طرفان مولوين ۽ عالمن جي وڏي عزت ڪئي ويندي هئي ان ڪري هن خاندان جو اتي پايو پيو مخدوم صدر الدين جڏهن سنڌ ۾ آيا تڏهن ساڻن هڪ فرزند نالي عجائب الدين ساڻ هو سندن عمر ان وقت سئو ڪن ورهه هئي ۽ اُچ وارن پيرن جا خليفا سڏبا هئا سندن وفات بعد سندن فرزندار جمند مخدوم عجائب الدين مسند نشين ٿيو ان کان بعد سندن فرزند شهاب الدين مسند نشين ٿيو مخدو شهاب الدين صاحب کي به فرزند هئا هڪ وڏو مخدوم محمد ابراهيم قتال ۽ ننڍو مخدوم صحبت الدين مخدوم شهاب الدين صاحب کان بعد سندن فرزند مخدوم محمد ابراهيم شاه قتال مسند نشين ٿيو ان کان بعد سندن فرزند مخدوم محمد يوسف صاحب ۽ ان کان بعد سندن فرزند مخدوم فضل الله شاه صاحب مسند نشين ٿيو مخدوم فضل الله شاه کي ٽي فرزند هيا هڪ وڏو مخدوم نالي چگو شاه بيو وچون سر گروه اصفيا جامع الملت شاه عنايت الله الصوفي القادري باني الطريقت ٿيون ۽ ننڍو مخدوم رحمت الله شاه صاحب

جڏهن مخدوم صدر الدين صاحب اچ غوثيه ۾ رهائش پذير هيا ته سندن اچڻ وڃڻ اُچ جهانيان طرف به هوندو هو جڏهن پاڻ اتان سنڌ لاءِ نڪتا ته اُچ جهانيا واري گادي نشين مخدوم صاحب سان پنهنجا ٽي خادم ساڻن گڏ موڪليا ته جيئن

سائين جن کي باحفاظت سنڌ پهچائن انهن مان هڪ خادم نالي عظمت الله ۽ نعمت الله رند قوم جا هيا جيڪي راه ۾ ڏيرا نواب ۾ وصال ڪري ويا سندن مزارون به اتي ئي آهن ۽ هڪ خادم جيڪو ايران جي صفير جو پٽ هيو ان جو نالو سيد خالد هو جيڪو سائين سان گڏ مير انپور تائين رهيو ۽ سندس مزار به مخدوم صدر الدين سان گڏ آهي.... هي روايت سيد عطا حسين شاه جهانيان منڙي واري صوفي صدر الدين ستاري القادري درگاه تجل شريف کي ٻڌائي انهن کان صوفي ذوالفقار علي من ستاري درگاه تجل شريف ٻڌي ۽ انهن کان مون تائين پهتي

حضرت شاھ شھيد عليہ رحمت جي تولد ۽ ننڍپڻ جو احوال

پاڻ هجري سن 1067 بمطابق 1649ع ۾ تولد ٿيا هوا. سندن گهراڻو اصل مخدومن ۽ بزرگن جو هو جي متشرع صاحب علم جاهئا پاڻ پنهنجي والد صاحب کي ٿن پٽن مان وچان هئا سندن ننڍائپ ۾ خيال سير ۽ خدا صاحب جي طلب کماحقهٗ جي جوهوان کري پنهنجي والدبزرگوار جي وقت ۾ حاصل علم ديني ۽ دنوي ننڍائپ جي وقت ۾ حاصل کيو هئائون پر جڏهن الله تبارڪ تعاليٰ جي دربار مان کين وڏو درجو حاصل ٿيٺو هو ۽ ولايت ۽ کماليت حاصل ٿيٺي هئي سندن خيال بہ متوجه ان رتبي ملڻ وارن کمن جو هو جيئن پٺائي صاحب فرمايو

آڳي اڳيئي کيا اهي نسورو ئي نُور
لَاخَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ ۞ سچن کونهي سور
موليٰ کيو معمور انگ ازل کان ان جو

اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۶۲﴾ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۶۳﴾
سورة يونس آيت نمبر 62-63
ترجمو: "بيشڪ الله جا دوست نہ ڊڄندا ۽ نہ ئي هو غم کندا.
(اهي ماڻهو) جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي."

کماحقهٗ: هنن عربي لفظن جي معنيٰ آهي تہ جيئن ان جو حق آهي

حضرت صوفي صاحب جن جو مرشد جي ڳولا ۾ نڪرڻ

جڏهن پاڻ آغاز جواني جي عمر ۾ آيا تڏهن حضرت مرشد صاحب جي طلب ۾ نڪتا وطن ميرانپور شريف کان سير ڪندا سنتمان ٿي آدمي ٻيا به سندن همسفر ٿيا هڪ ميان امين محمد صاحب سوري وارو نقشبندي سندس خاندان اجان به آهي شاهحمزه نمن وارو ۽ ميان ابراهيم ڪاتيار ٻال ٻوچڙن وارو جنهن جا ڏوهٽا سيد اجان آهن. گهمندي گهمندي ملتان شريف ۾ آيا اتي شيخ شمس الدين ملتاني جي خدمت ۾ رهيا اتان هڪ سال بعد دکن ملڪ ۾ برهانپور شهر ۾ حضرت شاه عبدالملڪ صاحب جيلاني سيد پوٽه حضرت پير دستگير شهنشاه قطب الاقطاب غوث الاعظم ميران محي الدين سيدعبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو ڪين حڪم مليو. پوءِ پاڻ ان امر موجب ملتان کان دهلي ۽ کان ڦرندا برهانپور پهتا. برهانپور بمبئي ڪاتي خانديش ضلع ۾ شهر آهي جو اڳي نظام دکن جي هٿ ۾ هو. اتي حضرت شاهعبدالملڪ جن بادشاه جي وزارت جو ڪم ڪندا هيا. جڏهن پاڻ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائون ته غلام خداتعاليٰ جل شانهٗ جي راه جي طلب لاءِ حضور ۾ حاضر ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون ته چنگو پوءِ ڪين خدا صاحب جي واٽ ڏسي هڪ هنڌ ويهي ان جي ڪمائڻ جو حڪم ڪيو

مرشد جي ڪچهريءَ ۾ سندن مجاهدا

پوءِ حضرت صوفي صاحب هڪ ميدان ۾ جتي خلاصي جاءِ هئي ويهي مرشد جو ڏسيل رستو ڪمايو. مگر ان ۾ ايترو مجاهدو ڪيائون جو جسم به وسري وين ۽ کاڌو پيتو به وسري وين. دکن ملڪ ۾ بانس جو وڻ تمام گهڻو آهي ان جو دستور ڦٽڻ جو اهڙو آهي جو راتو رات سٽي وانگر زمين مان ڦٽي نڪرندو آهي ۽ 2 فٽ جي قدر روز بروز وڌندو وجي. پاڻ جنهن هنڌ مراقبه ۾ اسم الله تعاليٰ جل شانهٗ جو ڪمايو اتي بانس ڦٽو سو هڪ ٽاري بانس جي هڪ ٻانهن مان ۽ ٻئي ٻي ٻانهن مان ڪل ۽ گوشت مان لنگهي پار هلي وئي ۽ پاڻ به ان سان گڏ زمين کان مٿي ٿيندا ويا جيئن اهو وڻ وڌندو رهيو تيئن پاڻ به مٿي ويندا رهيا حالانڪ انهي حالت ۾ ڪين ٻارنهن سال عرصو گذري ويو ۽ سندن مرشد کي سندن يادگيري نه رهي ظاهري طرح حڪومت جي ڌنڌي ۾ هئا باطن ۾ ته سڀ کا خبر هئن

ٻارنهن سالن کان بعد جڏهن سندن سواري اتان لنگهي جتي صوفي صاحب مجاهدي ۾ ويٺا هئا. اوچتو سندن نگاه وڃي صوفي صاحب تي پئي پوء پاڻ حڪم ڪيائون ته فقير ڪي سڏي وٺي اچو ان بانس جو هيٺيون حصو ڪارائي سان ڪپي حضرت صوفي صاحب کي وٺي آيا مگر پاڻ جو ٻارنهن سال سانده ان پاٽي چڙي ڏنو هئائون ۽ وري بانس جون ڪانيون ڪل ۽ گوشت ۾ پيون هيون سي بدن ۾ ئي رهيون ان ڪري سندن طبع عليل ٿيل هئي پاڻ کين پنهنجي جاء تي ڪٺائي وياۦ انهن ڦٽن جو علاج ڪيائون. اهيھي ڇٽايائون خوراڪ به سندن ڪرايائون جو وري قوت واري حالت کي پهتا ۽ مرشد جي دربار ۾ فيض عطا ٿين جيئن پٺائي صاحب فرمايو آهي

نينهن نسورو نيل سوري سڪ پرين جي
ڪاتي قريبن جي وهي ويل ڪويل
ٻڌ تنهين سا ٻيلهه ڪسڻ جن قبوليو

سر ڍونديان ڏڙ نه لهان ڏڙ ڍونديان سر نانهه
هٿ ڪارايون آگريون ڪپجي ويا ڪانهن
وحدت جي ونهاءِ جي ويا سي وڍيا

حضرت صوفي صاحب جو مرشد شهنشاھ ڪان موڪلائي سنڌ واپس اچڻ

پاڻ هڪ سال جيترو عرصو مرشد صاحب جي حضور ۾ رهيا ۽ فيض جي ڪماليت حاصل ڪري مرشد ڪان موڪلائي پنهنجي وطن اچڻ جي اجازت ورتائون ۽ مريدن ڪرڻ جي بہ رخصت چاهيائون تڏهن حضرت شاھ عبدالملڪ صاحب جن تي شيون سندن اڳيان رکيون ۽ فرمايو تہ هنن سوڪڙين مان جيڪا سوڪڙي اوهان کي وڻي سا ونو اهي ٽي شيون هيون تلوار, تسبيح, ڪؤنرو پاڻ تلوار کنيائون مرشد سندن فرمايو انهي چيز جو وڏو اُجورو آهي پاڻ فرمايو سر حاضر آهي پوءِ سندن مرشد فرمايو تہ چڱو هاڻي مانڊ ۽ صبر سان سر ڏجو ڪو تحرڪ يا تصرف نہ ڪجو پوءِ پاڻ اها تلوار کڻي موڪل وٺي جنهن رستي سان آيا سو ساڳو رستو وٺي وطن ڏي موٽيا سندن مرشد جو اهو امر هو تہ هندستان مان ماٺ ڪيو وڃجو ۽ ڪو بہ مريد نہ ڪجو. چون ٿا تہ پاڻ هڪ گهوڙي جي سواري تي هئا ۽ هميشہ گهوڙي جي هني جي پرٽي تي متو رکيو پيا آيا ڪنهن وقت جي متو متي پئي ڪيائون ماڻهن پي ڏٺو ڏسڻ سان مريد پي ٿيا جڏهن پاڻ دهلي ۾ وارد ٿيا تہ بہ سيد ڀهروال هرهڪ سيد حسين علي شاھ ۽ سيد عبدالله شاھ سندن مريد ٿيا جي ان وقت دهلي جي بادشاھ جا وڏا وزير هئا ۽ بادشاهي انهن ئي هٿ ۾ ئي هئي. اتان خير سان جو دڳ ڏيئي سنڌ ۾ آيا ايتري مسافري ۾ صدها مريد ٿيا (500) هندي فقير ساڻن همرڪاب مير انپور ۾ آيا. جي وري واپس نہ ويا پوءِ انهن پنجن سون مريدن سميت مير انپور ۾ وارد ٿيا. انهن هندي فقيرن جو خليفو وڏو سليمان هندي هو.

ان وقت جي پيرن جو ساڙن حسد

ناظرين صاحبو حضرت صوفي صاحب کان اڳ مخدوم صدر الدين کان وٺي مخدوم فصل الله تائين جي ڇهه پيڙهيون گذريون سي اُچ شريف جي خاندان جا خليفاءِ مخدوم ٿي گذريا يعني سندن خاندان مخدومن جو هو جيئن کي بيا مخدوم کيترا سنڌ ۾ هئاءِ صاحب شرع جا هئا ان ڪري حسد جو بنياد انهي خاندان سان ڪنهن جو به نه هو وقت خير جو گذرندو ويو پنهنجي شرعي ڪم تي پورا هئا مسئلي مسائل جي رونق واري بازار گرم هئي مگر حضرت صوفي صاحب جي برهانپور کان موٽي اچڻ بعد ربو بيت وارا ازسر گرم ٿيا عبديت جا آواز منهدم ٿيا.من عرف نفسہٗ فقدعرف ربہٗ يعني جنهن ماڻهوءَ پنهنجي نفس کي سڃاتو ته انهيءَ شخص تحقيق پنهنجي رب کي سڃاتو وارو چرخو چلڻ لڳو اڳي جو رواج سنڌ ۾ عبديت جو آواز هو سو همه از اوست جو هينئر اچي هم اوست ظاهر ٿي

مڙوئي محبوب آه ناهه تفاوت تر
لا موجود الاهوُ خاصن هيءَ خبر
آه ساروئي سر صورت هن سنسار جو

همه کي حق ڄاڻ تون همه حق آهي
لاسين ڇڏ لاهي خام خودي جا خطرا

اڳي خوديءَ جي خطرات وجود سان رائل مائل هئي هينئر هيڪڙائي هڪ جي ثابت ٿي پئي

نفي ڏاران ناھ ڇيئڇل ڪو چارو
وَوَجَدَكَ ضَالًّا فَهَدَىٰ سمجهج اشارو
مارج نغارو نفي تي اثبات جو
اڳي اثبات ۾ ثبوتي هئي هينئر نفيءَ ۾ اثبات ثابت تي پئي
مرد نہ مرن ڪڏهين ديهي هوءِ نہ هوءِ
سُبْحَانَ الَّذِي بِيَدِهِ مَلَكُوتُ كُلِّ شَيْءٍ
جوچاهي ٿي سوجوديهي ڪان هٿ ڏوءِ لڪين ديهون ان جون
اڳي ديهي تي پروسي جي حالت هئي هاڻي ديهي وسارڻي پئي
عربي شعر
قصة العشق لن فصام لها
مرضة العشق لن علاج لها

يعني عشق جو قصو پورو ٿيڻو نہ آهي نڪي عشق جو مرض علاج پذير ٿيڻو آهي قصو ڪوتاھ اڳي جو مذهب هاڻوڪي مشرب صوفي صاحب واري سنڌ ۾ مُرَوِج نہ هو هي جو نئون مشرب اچي جاڳيو ان ڪري هزارها آدمي سندن مريد ٿيڻ لڳاءِ خاصيت اها تہ جنهن مطلب لاءِ لڪين آدمي متا هٽندا هيا تہ مخصوص المخصوص ڪي رب ڪريم جي درگاه جو قرب حاصل ٿي ٿيو سو هينئر جو شخص صوفي صاحب جو مريد ٿيڻ تي آيو تہ ٿوري ڪشالي بعد قرب رباني ڪي وجي تي پهتو

---

1 وَوَجَدَكَ ضَالًّا فَهَدَىٰ
(سورة الضحى آيت 7)
ترجمو: ”۽ (الله) توکي راھ ڀُلندڙ ڏٺو، پوءِ توکي رستو ڏيکاريوا“

2 سُبْحَانَ الَّذِي بِيَدِهِ مَلَكُوتُ كُلِّ شَيْءٍ
(سورة يٰس، آيت 83)
ترجمو: ”تنهنڪري پاڪ آهي اُهو (الله) جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي بادشاهي آهي، ۽ توهان سڀ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندا.“

اهو ئي باعث ملن کي حسد جو ٿيو ظاهر بهانو شرعي ڪمن جي تهمت جي بدي جو ڪيائون پوءِ ته اچي مريدن جو زور ٿيو جيئن پو تيئن وڌندا ويا. ناظرين کي هي به معلوم هجي ته ميرانپور کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي شاه ڪريم بلڙي واري جي درگاه ۾ شهر آهي. اهو هي خاندان جو پيدا ٿيو ساڳالهه بلڙي وارن لاء جو ڪائتي هئي ۾ وري ظاهري سبب به اچي پيدا ٿيو هن طرح جو شاه ڪريم جي اولاد جا مريدا اچي صوفي صاحب جا مريد ٿيا انهي ڪري ويتر انهي خاندان کي پڪ ٿي ته هينئر اسان کي وڏو لوڏو آهي ان ڪري حضرت صوفي صاحب جي دفع ڪرڻ لاء پيي رٿون رٿيائون پهريائين هي صلاح ڪيائون ته حضرت صوفي صاحب کي دعوت ڏئي وني اچجي پوءِ ماني ڪارائي جو سنمنه هٽبي ته سڀ ڪو فقير ۽ مريد فيض مٽن وجهي ان ڪري امانت جو بار ايترو مٽن پوي هو هڪدم مري ويندا. ناظرين کي معلوم هجي ته ائين نه هو ته شاه ڪريم جو خاندان ڪرامت کان خالي هو.

مگر حضرت صوفي صاحب وٽ امانت جو اهو بار آيل هو جو ڪنهن جي جاءِ اتي نه هئي پر هنن کي ته دل ۾ اهوئي خيال آيو حضرت صوفي صاحب جي دفع ڪرڻ جو. پاڻ سندن دعوت قبول ڪري فقط هڪ فقير سان گڏ اوڏهين روانا ٿيا پين فقيرن عرض ڪيو ته قبلا هي غلام به ساڻ هلن پاڻ فرمايائون ته فقير رڳو هن فقير کي ساڻ ڳڻتو وڃي آخر پاڻ اتي آيا دعوت ڪائي جڏهن بلڙي وارن فقيرن سنمنهه شروع ڪئي تڏهن پاڻ حضرت صوفي صاحب جن فقير سميت مراقبو ڪري ويهي رهيا. بلڙي وارن فقيرن سنمنهه ڪري سيني فقيرن فيض حضرت صوفي صاحب ۽ سندس همراهه فقير تي اڇليو. فقير ويچارو ٿوري امانت وارو هو سو ته الله چئي ڪري پيو ۽ دم تسليم ڪيو باقي ڪين ڪجهه به اثر ڪو نه ٿيو جيئن وينا هئا تيئن وينا هئا جڏهن فقيرن بس ڪئي تڏهن پاڻ فرمايائون

ڪاڏي ڪرهل ڪاهيان چوڏس چٽاڻو
منجهس ڪاڪ ڪوري منجهس لوڏاڻو
راڻو ئي راڻو ري ءَ راڻي ناهه ڪي

ائين چئي اتي ڪڙ اٿيا ان بيت جو اثر ايترو ته بلڙي وارن مريدن تي ٿيو جو سڀ سندن پنيان لڳي هليا جن ۾ لوڌا, راهوڪرا, ناڏه, ڏلا, ڏاهري ۽ قل ذاتين جا ماڻهو هيا (انهن ذاتين مان اڄ به ڪيترائي مريد آهن) باقي گادي وارو صاحب ۽ ڪي مخصوص آدمي اتي ويٺا. پاڻ ڪٽي مير انپور جو رستو ورتائون پويان سڀ مريد بلڙي ۽ وارن جا جوان ٻُڌا ڪيل لڳي پيا. جڏهن بلڙي وارن ڏٺو ته حضرت صوفي صاحب کي دفع ڪيو سين سو ته نهيو پر رهندو سڀ مريد ڪنيو ٿو وڃي سو تمام عاجز ٿيا ۽ دل ۾ سخت ساڙ پيدا ٿين. پاڻ جڏهن بلڙي کان ٻاهر نڪتا ۽ ساجناوا هتي پهتا ته اتي ڪين شاهڪريم باطني طور گڏين ان چيُن ته ائين نه گهرجي تنهن جي جواب ۾ پاڻ هي بيت ڏنائون

راڻو رهيم روح ۾ سوڍو اندر ساهه
ساعت نه ڪٽان هڪڙي پرينءَ ريءَ پساهه
اندر رومي راهه ٻاهر ٻڌايان ڪنهن کي

راڻو منهنجي روح ۾ سوڍو ساهه سندوم
منجهس ڪاڪ ڪڪوري اوڍاڻو لڌوم
سر ٿيون پرين سندوم منجهائين معلوم ٿيو

انهن بيتن جي چوڻ جو اثر انهن مريدن تي ايترو ٿيو جو جيڪي

واهه جي هِن پر صوفي صاحب سان لنگهي پياسي حضرت صوفي

صاحب سان هليا آيا جيڪي واهه جي هُن پر هُياسي بلڙي موٽي ويا

اهڙا مريد جيڪي ٽياتن جو اولادا جان مير انپور ۾ آهي اهي مٿين

ڏيکاريل ذاتين جا ماڻهو آهن پوءِ ته اچي ڳجهي دشمني جي باهه

پڙڪي. هيڏا انهن صاحبن ڪريمن جو فيض ايتري قدر ته مشهور

ٿيو جو سؤ ماڻهوءَ کي قطار ڪري بيهاريءِ آڱر جو اشارو ڪندا

هئا ته سڀ صاحب فيض جا ٿي ويندا هئاءِ گهر ٻار ترڪ ڪري

حضرت صوفي صاحب جي خدمت ۾ رهڻ لڳندا هئاءِ فقراءُ گهٽي

انداز ۾ گذٽيندو رهيو. مُلنءِ پيرن کي جادوگر چوڻ ڪانسواءِ ڪو

چارو نه رهيوءِ پنهنجي عزت وڃڻ جو خوف طاري ٿين ظاهر ۾

هنن جادوگري جو الزام ڏيئي باطن ۾ منصوبه ڪڙا ڪيائون

حضرت شاه شهيدؒ جن جي شادين جو ذڪر

پاڻ شرعي رسم موجب چار حرم عقد ترويج ۾ آندا. پهريون حرم سندن چاچي مخدوم محمد عمر صاحب جي نياڻي هئي انهيءَ حرم مان ڪين ڪابہ اولاد ڪانہ هئي. ٻيو حرم ڪڇ ڀُڄ جي راجاجي خاندان مان هيو ان حرم مان ڪين وڏو فرزند شاه خليل الله شاه هو جو شهادت وقت پنهنجي ناناڻن جي ملڪ گجرات ويو هو جتان ايران هليا ويا. ٽيون حرم سندن ننڍي جي مخدوم محمد اسماعيل جي نياڻي هئي ان مان ڪين ڪابہ اولاد ڪانہ هئي. چوٿون حرم سندن نڪرن سوڍن جي گهراڻي مان هو ان حرم مان ڪين ٻہ فرزند شاه عزت الله شاه ۽ شاه سلام الله شاه هئا جي ٻئي شهادت وقت پنهنجي ناناڻن ڏي موڪليا ويا. اهي چار حرم پاڻ هندستان مان حضرت مرشد صاحب جي دربار مان فيض وٺي اچڻ ڪان پوءِ ڪيائون.

ڪن تاريخي روايتن موجب حضرت شاه شهيدؒ جن جيڪا شادي ڪڇ ڀُڄ جي راجا جي خاندان مان ڪئي تنهن مان ڪين هڪ نياڻي پڻ هئي جيڪا سندن ڀائٽيي مخدوم محمد يوسف بن مخدوم رحمت الله شاه جي نالي تيل هئي پر سندن ڀائٽيي مخدوم محمد يوسف شاه جن پڻ ساڻن گڏ جام شهادت نوش فرمايو جنهن ڪري اها شادي نہ ٿي سگهي
صوفي صدرالدين ستاري القادري جن پڻ اها روايت ٻڌائيندا هئا.

يار محمد ڪلهوڙي جو ضد پوڻ

اي صاحبو اهو وقت سنڌجي حڪومت لاءِ اهڙو هئو جو منجهس ڪو نالي وارو حاڪم ڪو نه هو انڌاڌنڌ حڪومت هئي ان وقت ۾ ڪلهوڙا سيني حڪمرانن ۾ جرئت پرياهئاءِ پنهنجي حڪومت جو پايو وجهڻ ۾ سرگرم هئا. ڪراچي هاٺو ڪي واري پرسان ڪي پنهنور ويٺا هئا جن جي چڱي مڙس جو نالو دائو دهيو, سنڌو درياءَ جي پار جو ملڪ انهن جو هيو. ڪلهوڙي يار محمد انهن جي گهرن ڪي باهيون ڏياري ملڪ کسي لوڏي ڪڍيو. جي اچي 140 ماڻهو حضرت صوفي صاحب وٽ سام پيا جن لاءِ ڪلهوڙن حضرت صوفي صاحب ڏي ماڻهو موڪليا ته اهي ٻانهون اسان ڪي واپس ڏيو جنهن تي حضرت صوخي صاحب جن ٻانهون ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ چوائي موڪليائون ته اهي آدمي اچي سام پيا آهن سو سامن تي سر ڏبو آهي سام نه ڏبي آهي. انڪري ڪلهوڙن ڪي اها ڳالهه نه وڻي ۽ پڪ تين ته اهي فقير اسان کان حڪومت کسيندا اچو ته پاڻ ٻه اهڙي ريت زورور تو هئائون جن تاريخ سنڌجي ڏني هوندي تن ڪي آدم شاه ڪلهوڙي جو نالو ياد هوندو.

فارسي واري چيو آهي تہ.
دزو رادزو شناسد.....ولي راولي شناسد يعني چور کي ٻي سڀ خلق چور نظر ايندي ساڌ کي ٻي سڀ خلق ساڌ نظر ايندي.جڏهن انهي ڪري ڪلهوڙن کي حضرت صوفي صاحب کان ضدو ينو تہ بلڙي وار اسيد بہ موقعو ڏسي مخفي طرح انهن سان شامل ٿيا ۽ صلاح ڪيائون تہ اسان جي حضرت صوفي صاحب سان پڄڻ جي جاءِ ناهي جو سندن مريد هنڌ سنڌ ۾ آهن ساڳي وقت ڪلهوڙن يا ٻئي ڪنهن جي حڪومت سڄي طرح سنڌ تي نہ هئي سنڌ دهلي جي تابع هئي ان وقت دهلي جو بادشاه فرخ سير هو انهي ڪري هنن پاڻ ۾ مصلحت ڪري بادشاه سان قصو ڪيائون ۽ هن کي ذهن تي آندائون تہ حضرت صوفي صاحب جي مريدن جو عروج آهي ان مان جاڻجي ٿو تہ هندستان جي حڪومت اوهان کان کسيندو. اسان انهن جي اڳيان ائين آهيون جيئن باز جي اڳيان جهر ڪي ناظرين صاحبو ان وقت دهلي جي حڪومت بہ اهڙي هئي جو چربٽ راجا ٽڪي سير ڀاجي ٽڪي سير کاجا ساڳي سنڌ واري حالت هئي.

شهنشاه اورنگ زيب جا پٽ ۽ پوٽا ويهارو (20) کن هئا جي سڀ بي همت ڪمزور رهيا وزيرن جي هٿ ۾ راڄ هو جنهن کي وڻين ٿي تنهن کي پئي واري سان تخت تي ويهاريائون تنهن ڪري فرخ سير کي اهو ڏڙڪو سچو ۽ معتبر نظر آيو. ان يڪدم يار محمد ڪلهوڙي کي وڏي ڪٽڪ سان سنڌ تي چاڙهي موڪليو ۽ حضرت صوفي صاحب جي شهادت جو حڪم ڏنو.

سندن مريدن جو ارادو

جڏهن ان وقت اهو ضديت جي فساد ايتري قدر اچي زور ورتو تڏهن انهن پنجن سوَن مريدن جيڪي هندستان کان ساڻن گڏ آيا هئا ۽ جيڪي سنڌ ۾ سندن چوويهه هزار کان به وڌيڪ مريد ٿيا هئا تن سيني ارادو ظاهر ڪيو ته مرشد هادي حڪم ڏين ته باطن جي برڪت واري زور سان فرخ سير يا ڪلهوڙن جو بنياد ئي ڪڍي ڇڏن انهن چوويهه هزار مريدن ڪانسو اچاليهه خليفه هئا جن ۾ چوڏهن وڏا خليفه هئا جن مان هر هڪ وٽن اچي پئي عرض ڪيو ته قبلا ر ڳو حڪم ٿئي ته انهن دشمنن جو بنياد ئي پٽي ڇڏجي. مان هڪ مثال ناظرين جي اڳيان پيش ڪيان ٿو جنهن مان انهن فقيرن جي زور ۽ قوت ۽ ولايت جي دسترسي ۽ جو قياس ڪري سگهندا. مير جان الله شاه روهڙي وارو سندن پهريون نمبر سنڌ ۾ وڏو خليفو هو ان جو پٽ شاه قلندر علي شاه ٿي گذريو آهي. ان جو پائٽيو مير جان الله شاه وچون ٿي گذريو آهي ان جي ڳالهه ڪندا آهن ته شاه شجاع جيڪو 1838 ۾ خراسان کان پجي اچي سنڌ ۾ انگريزن جي پيش پيو

سو روهڙي ۾ مير جان الله شاهه جي ڪوٽ جي دروازي وٽ دعا طلبي ۽ مريد ٿيڻ لاءِ آيو صبح کان ٿيپهري تائين ڪوٽ جي دروازي تي مافحه (ڏولي) سو ڏولئو پيو هو دربانن ته اندر صاحبن مير جان الله شاهه صاحب کي بروقت عرض ڪيو هو مگر پاڻ جيستائين اجازت نه ڏين تيستائين اندر اچڻ جو امر نه هو شام جو پاڻ حڪم ڏنائون ته شجاع کي حاضر ڪيو شاهه شجاع حاضر ٿي عرض ڪيو ته مريد ٿيڻ ۽ حڪومت ملڻ جو خيال ڪري آيو آهيان پاڻ حڪم ڪيائون ته خراسان جو تخت توکي ڏنو سين ۽ مريد به ڪيائونس. انهي تصرف جي ڪري انگريزن شاهه شجاع جي مدد ڏيڻ قبول ڪئي جڏهن غزني ۾ پهتاءِ اتي لڙائي هلي ته شاهه شجاع جي لشڪر هار کاڌي ته اتي سڏڪيائين ته مرشدهاٽي رسجان. پاڻ هتي روهڙ ۾ جيئن ڪچهري ۾ ويٺاهئاتيئن اتي ڪڙ اٿياءِ ٻيهي ٿي پير اجيئن ڪنهن جي پُني ناپجي تيئن پُني نپيائون. حاضرِ مجلس وارن عرض ڪيو ته قبلا ان جو ڇا باعث هو پاڻ فرمايائون ته شجاع غزني ۾ لڙيو سندس لشڪر يجڻ ۾ هو اتي سڏڪيائين ته اسان پني نپيَس ته فڪر نه ڪر تخت توکي ملندو جو برابر ڪيس مليو.

حڪومت تي ويهڻ شرط هڪ لک رپيہ نذرانو موڪليائين نينگرن جي شادي ۾ طهر لاءِ جي پاڻ خداجي واٽ ۾ هلائي ۾ نينگرن جو طهر پنج پاءَ گڙ ورهائي ڪيائون.

اي ناظرين صاحبو سندن چاچو شاه قلندر علي شاه جنهن بنگلي ۾ رهنداهئاسو چؤدروا هڙوهو جوان وقت ساڳي مهل ۾ جي هڪ در ڪان اچبو هو تہ شاه قلندر علي شاه ڪجرين جو تماشو پياڪرائين ۽ ٻي در ڪان وجبو هو تہ چوپڙ جي راند پياڪن ۽ ٽين در ڪان وجبو هو تہ قرآن شريف جي تلاوت پياڪن چوٿين در ڪان وجبو هو تہ نماز بينا پڙهن. ساڳيءَ مهل ساڳيو ماڻهون چار روپ ڪري سگهيو تي جن صاحبن جي پٽ ۾ پوٽي کي ايتري توفيق هئي تہ خود کي ڪيتري طاقت هوندي! اهو ويچار اوهان پاڻ ڪري سگهندا تہ مرشدسائين جي حڪم جا تابع هئا ۽ قياس ڪريو تہ جنهن مرشد سائين جي مريدن کي ايتري قوت هئي اتي مرشدواري قوت ڪيتري نہ زور واري هوندي مگر تن کي بہ قضاالٰهي اڳيان سر ڌرڻو هو ۽ حضرت صوفي صاحب کي مرشد جو امر بہ بجا ڪرڻو هو.

وڏن خليفن جا نالا جن پنهنجي همٿ هلائڻ جي اجازت طلب ڪئي

(01) مير جان الله شاهہ صاحب روهڙي وارو

(02) شاهہ عبداللطيف ٺٽوي صاحب

(03) ابن اوڙاهہ جو سمون فقير هو

(04) اسحاق فقير صاحب نصرپوري

(05) خواجہ اجمير جو پير عبيدالله صاحب عرف خواجہ حامد

(06) راڄ محمد فقير ڪاڇي وارو

(07) محمد صديق فقير صاحب پيڏن وارو

(08) خليفہ صاحب ابوبڪر جاڙياڻ

(09) الهداد فقير پناڻ

(10) خليفہ صاحب سليمان هندي فقير

(11) تاج محمد شاهہ صاحب

(12) ميان اسماعيل شاهہ صاحب ٺٽوي

(13) شاهہ عبدالڪريم شاهہ صاحب ٺٽوي

سندن جواب مريدن کي ۽ سندن خيال مطابق انهن تي ڪم رکي موڪل ڏيڻ

پاڻ سڀ ڪنهن مريد ۽ خليفي کي اهو جواب پئ ڏنائون ته محبوب حقيقي جو ناز ڪيو آهي اسان نياز ڪنداسين ۽ نه ناز سان ناز ڪنداسين ڇو ته ناز سان نياز زيب آور آهي آخر سيني مريدن ۽ خليفن عرض ڪيو ته قبلا اسان به اوهان جي حضور ۾ شهيد ٿيون. تڏهن پاڻ مير جان الله شاهه کي روهڙي اچڻ جي موڪل ڏنائون ۽ اجمير جي پير کي چيائون ته تون پنهنجي ملڪ وڃ جو تون فقير کي وڏي ڪم ايندين ۽ شاهه عبداللطيف ٺٽوي صاحب کي ٺٽي موڪل ڏنائون ۽ محمد اسماعيل صاحب کي به ٺٽي وڃڻ لاءِ حڪم ڪيو ۽ ٻين به گهڻن کي موڪل ڏنائون ته اوهين خدا صاحب جل شانهٗ کي وڃي ياد ڪريو بعد ۾ باقي جو فقراه بچيو سو هندي فقيرن سميت چوويهه هزار (24000) هو ,جنهن ۾ ٻه هزار (2000) فقير تاج پوش فقير هئا. حضرت صوفي صاحب جن جنهن مريد کي خدا صاحب جل شانهٗ جي وٽ ۾ انتها ڪرائيندا هئا ان کي تاج ڏڪرائيندا هئا ۽ ست سؤ فقير اهڙا مست هئا جن کي پنهنجي جسم جي خبر ڪا نه هئي ڪيترا سؤ سيد سادات هئا تن حضرت صوفي صاحب جن تي زور پريو ته قبلا ڪجهه تياري ڪرڻ ڪپي پاڻ فرمايائون ته جنگ ظاهر جي آهي پلي تياري ڪيو.

فقير عرض ڪيو تہ قبلا هٿيار ڪو نہ آهن پاڻ فرمايائون تہ لوھ جو ڪرڙيو ڪاٺ جي تلوار هڏ گُڏ مؤن پار.

مغل فقير سندن طالب هو تنهن کي حڪم ڏنائون تہ اهڙا هٿيار اوهان تيار ڪيو, هُو اهو ڪم ڄاڻندو بہ ڪين هو مگر سندن تصرف اهڙو ٿيو جو اهي هٿيار جُڙي ويا تڏهن پاڻ پنهنجو ڏندو ڏنائون ۽ چيائون تہ انهن ترارن کي جو هردار هي ڏندو ڪندو, اوهين رڳو گهمائيندا وجو. اهو ڏندو اڃ تائين انهن فقيرن جي اولادوٽ آهي جي مير پور خاص ۾ وينا آهن اڃ تائين وادا سڏبا آهن ٻيو پاڻ هي بہ حڪم ڏنائون تہ دشمن جي لشڪر کي هڪ ڏڪ ڪان وڌيڪ ڏڪ نہ هڻجو پوءِ مراقبو ڪري ويهي رهجو.

ڪرڙيو : تلوار ۾ جيڪا هٿ وجهڻ جي جاءِ ٿيندي آهي جنهن کي مُنيو قبضو يا دستو بہ چئبو آهي

لڙائي جو بيان 18 ذوالقعد سنہ 1129هجري ڪان 09 صفر 1130 هجري تائين

آخر تاريخ 18 ذوالقعد سنہ 1129 هجري فرخ سير ۽ ڪلهوڙي جو لشڪر اچي حضرت صوفي صاحب جي فقيرن جي سامهون ٿيو ان مهل رات جون چار گهڙيون باقي هيون جو لڙائي شروع ٿي ست سؤ فقير حضرت صوفي صاحب جا اهڙا هئا جو جنهن مهل ترار يون ڪٽي دشمن جي سامهون ٿيا تنهن مهل پاسن ڏي ڏسي چوڻ لڳا هيڏي بہ حق هو ڏي بہ حق ۽ تراريون هٿن مان ڪري پيَن. دشمن اچي وار و ٻڌو هن ڳالهہ تي قتل الموذي قِبل الايذا يعني دشمن ڪي ايذاء ڏيڻ ڪان اڳي ڪُهجي مطلب تہ بادشاهي ڪسڻ ڪان اڳي ئي ويرو نجي. اهڙي سخت ڪوس جي حالت تي مهينا هلي هڪڙا فقير ڪُسن پيا ٻيا اچن پيا. فقيرن جي حالت اهاهئي جو جيڪي آيا پئي سي اهو خيال ڪيو پئي آيا "اشدالبلاءِ علي الانبياءِ ثم الاولياءِ ثم افضل ثم" يعني سخت بلائون الله سائين ۾ پهريائين نبين تي موڪليون ان ڪان گهٽ ولين تي ان ڪان گهٽ چڱن تي ان ڪان گهٽ موچارن چڱن تي ۽ اچي پئي سر ڏنائون جڏهن ٽي مهينا جهيڙو هليو ۽ چويهہ هزار (24000) فقير شهيد ٿيا تہ بہ حضرت صوفي صاحب جي مريدن جي بس نہ ٿي تڏهن ٻوهڪري وڙهڻ جي رٿ رٿيائون. اهي چويهہ هزار شهيدستن ڪوهن ۾ پوريل آهن جن ڪي گنج شهيدا ڪري سڏيندا آهن.

ڪلهوڙن جي ٻوهه جي رٿ

يار محمد ڪلهوڙي قرآن شريف تي الحمد لکي (جو ان قِسم جو انجام ان ريت ٿيندو هو) شهداد خان ٽالپر جو حضرت صوفي صاحب جو سنڌُو هو (يعني حضرت صوفي صاحب ۽ شهداد خان هڪئي هنڌان سوڍن مان شادي ڪئي هئي) ۽ ٻين سردارن ۽ ساداتن ڪي صلح لاءِ موڪليو ۽ پنهنجي ڏاڙهي ٻه جاوا اربه موڪليا ۽ چوائي موڪليائين ته هي الحمد قرآن شريف تي لکيو ويو آهي اوهان ۽ اسان جي وچ ۾ خير آهي. فقط اوهان مون وٽ اچو. آدمي عاقل اقرار ونڻ لاءِ حضرت صوفي صاحب جي حضور ۾ آيا. پاڻ ڪلام الله شريف وٺي چميائون ۽ رومال ويڙهي فرمايائون ته هن شيءِ جو ملهه ڳرو آهي هي ٻي ڪنهن ملهه جي لائق نه آهي سر حاضر آهي. تنهن تي مير شهداد خان چيو ته قبلا ڪلهوڙي قسم ڪنيو آهي ۽ وار ڏاڙهي ٻه جاڏنا اٿس. پاڻ فرمايائون ته ڏونگر سندي ڏاڙهي گڏهه سندو پُڇ........ نڪي ڪُڇ نڪي پُڇ هن راڄ جي ريت اها آهي پاڻ وري فرمايائون

يلي ڪري آيو ناٺارو ٽراءِ
يڳي ڪٺ سڄي تي لٽي جهاڳ گهراءِ
عاشقن مٺاءُ لُڇ مدامي نه لهي

هيري مئون ڪنور ٽيو جيئن چمڪي ماهُ

جهولي ۾ ماءُ منهه گڏيو سجٽين

پوءِ مير شهداد خان ڪين مصحف ڪٽي ڏيکاريو پاڻ ڏسي فرمايائون

دہد مصحف بر سرِ دستِ کذیب آن غیب گفت

ہدیہ دیگر ندارد نزد قرآن جانِ فدا

يعني قرآن ڪريم ڪوڙي ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڏسي غيبي الهام مان خبر ملي ته قرآن ڪريم جي اڳيئون هديو سر صدقو ڪرڻو آهي حضرت صوفي صاحب جن فرمايو ته فقير ڪي سڀ خبر آهي ته ڪلهوڙي جي دل ۾ دغا آهي ۽ قسم ڪوڙو ٿو ڪٽي مگر اسان سر ڪلام الله شريف ڪي ڏنو سين ائين چئي اٿيا. پاڻ جڏهن ڪلهوڙي ڏي سنبري هليا ته هزارين فقير سندن پنيان هليا مگر پاڻ فقيرن ڪي فرمايائون ته اسان جي پٺيان ڪو نه اچي ليڪو ڪٽي پاتائون ۽ چيائون ته جيڪو هي ليڪو ٽپي آيو سو اسان جو مريد نه آهي ۽ اسان انهيءَ جا ضامن نه آهيون اهو حال ڏسي ڪي موٽيا ڪي ڪين موٽيا اهڙي طرح ڪلهوڙي جي تنبوءَ جي ويجهو ٽي ليڪا ڪديائون. اتي بيا فقير موٽي ويا باقي پندرنهن (15) فقير ساڻ رهيا.

جڏهن تنبوءَ جي ويجها آيا تہ مير شهداد خان کي ساري دغا جي خبر پئجي ويئي ۽ ڏاڍو پشيمان ٿيو. کين عرض ڪيائين تہ قبلا ڪلهوڙي کي من ۾ دغا آهي اوهان جو فرمايو صحيح آهي هي واعدو نہ پاڙيندو هاڻي جي حڪم ڪريو تہ مان اوهان کي وري ڪوٽ تائين پهچائي ڇڏيان. پاڻ فرمايائون تہ اسان کي حضرت امام حسين سيد الشهداء شهيدِ ڪربلا واري شهادت قبول آهي. ستي ڏانگهہ تان لهي ڪر لجائي..... گهوٽ ڪاري تان لهي ڪر لجائي سو موٽنداسون ڪو نہ اوهان کي شاباس هجي اوهان ٽالپر جيستائين رڪندا فقير جي فقيري تيستائين اوهان جي هلندي ميري ٻيو فرمايائون تہ

دلي ٿي يلي.........چغد ٿيو چور

ڪلهوڙي سندي باه ويئي ورهن ڪان نڪري

پاڻ پهرين اچڻ وقت اندر حويلي ۾ وياءِ صاحبزاده شاه سلام الله شاه قلندر سان گفتگو ڪيائون جا ساري شاه سلام الله شاه قلندر جي بيان ۾ ايندي. هيڏي وري يار محمد ڪلهوڙي وڪيلن کي رواني ڪرڻ بعد پرپٺ صلاح ڪئي تہ جڏهن حضرت صوفي صاحب جن اچن تہ کين بنا پُڇا ڳاڇا جي شهيد ڪجي اها رٿ ۽ منصوبو ٺاهي تيار ڪيائون.

نور محمد ڪلهوڙو جيڪو يار محمد جو پٽ هو. ان ڏهن اهو منصوبو حضرت صوفي صاحب جي بابت معلوم ڪيو تڏهن پنهنجي پيءُ جي بدنيَتي ۽ حضرت صوفي صاحب جي حق ۾ ناحق خون جي رت ڏسي پنهنجي پيءُ کي چيائين ته اي بدبخت ڪلام الله شريف تي الحمد لکي ڏنئي ۽ ڏاڙهي ءَ جاوار به ڏنئي ۽ انجام کهڙا ڪيَئي وري رتون کهڙيون تورتين خدا صاحب وٽ ڇا جواب ڏيندين. پڻس ورندي ڏني ته تون اجان ننڍو آهين توکي ڪا به خبر ڪانه آهي تون ماٺ ڪري ويهي ره اسان ڄاڻون اسان جو ڪم ڄاڻي تنهن تي هن ڪٽي ماٺ ڪئي. إِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيعُ أَجْرَ الْمُحْسِنِينَ ۝ تحقيق خدا صاحب ڀلارن جي ڀلائي جو اجر نه وڃائيندو.(سورة توبة آيت 120) ڪلهوڙن ۽ سندس ماڻهن کي جيئن ڪرڻو هو تيئن ڪيَئون. انهن چوويهن هزارن فقيرن مان پندرهن فقير جن ۾ سندن ننڍو ڀاءُ حضرت رحمت الله شاه ولد حضرت مخدوم فضل الله شاه ۽ ٻيو ڀائٽيو حضرت رحمت الله جو فرزند حضرت محمد يوسف شاه ۽ پاڻ. ٻارهن مريد هئا, اڇي ڪلهوڙي جي تنبوءَ ۾ پهتا.

حضرت صوفي صاحب ۽ ڪلهوڙي جي وچ ۾ گفتگو.

پهريائين نواب اعظم خان سوال ڪيو فارسي ۾
باما چرا جنگ کردي يعني اسان سان جنگ ڇو ڪيَئي پاڻ
جواب ۾ حافظ عليہ رحمت جو بيت فرمايائون.

آن روز که توسن فلک زین کر دند
آرایش مهر و ماه و پروین کر دند
این بود نصیب ماز دیوانِ قضا
ماراچه گنهه قسمت ما این کرَ دند

ترجمو : جنهن ڏينهن رب صاحب آسمان تيار ڪري سج چنڊ تارا ڪتيون ان ۾ سينگاري بيهاريا ان ڏينهن قضا مان اسان جو اهو نصيب هو اسان جو ڪهڙو ڏوھ آهي اسان جي قسمت ۾ ايئين هو. اتي نواب يار محمد چيو. آماده باش ترجمو : هاڻي تيار ٿي مرڻ لاءِ پاڻ فرمايائون.اشدالبلاءِ علي الانبياءِ ثم الاولياءِ ثم الابرار ثم الامثل.

ترجمو : سخت بلائون پهريائين نبين تي پوءِ ولين تي پوءِ نيڪن تي پوءِ چڱن تي موڪليَم

وري نواب چيو. چرا بدنام کردی هدف تیر بلا ساختي

ترجمو : پاڻ کي ڇو بدنام ڪيَئي ۽ بلائن جي تير جو پاڻ کي نشانو ڇو ڪيَئي.

پاڻ فرمايائون.

عاشق چہ کند گر نکشد بارِ ملامت۔۔۔۔باہیچ دلاور سپرِ تیرِ قضا نیست

ترجمو : عاشق ويچارو ڇاڪري جو بار ملامت نہ کڻي. ڪوئي بہ بهادر قضا سان وڙهي نہ سگهندو.

نواب چيو. حالا ڪشتہ شوی ڪجا است آن طولِ امل.

ترجمو : هاڻي ڇا ڪندين ڪٿي اٿئي اهي وڏا آسرا

پاڻ فرمايائون. ہرگز نمیرد آنکہ دلش زندہ شد بہ عشق۔

ثبت است برجریدۂ عالم دوام ما۔

ترجمو : جنهن جي دل عشق سان زنده ٿي اهو اصل نہ مرندو. ائين ازلي دفتر تي لکيل آهي جو هميشہ قائم آهي

نواب ناڪامياب چيو. چرا با اطاعت اولي الامرء نيامدي.

ترجمو : چونہ اسان ۾ بين وڏن اميرن جي تعبيداري ڪيَئي

پاڻ جواب ڏنائون. ما مریدان روبسوئی کعبہ چون آریم چون۔

روبسوئی خانۂ خمار دارد پیر ما۔

ترجمو : اسان مريد ڪعبہ شريف ڏي ڪيئن منهن ڪريون. جو اسان جو مرشد منهن شراب خاني ڏانهن رکي ٿو

نواب لائق عذاب شديدالعتاب چيو. حالا فُقدان آرزوئي چہ غم داری.

ترجمو : هاڻي دل جي مراد جي کهڙي سَڌَ اٿئي

پاڻ فرمايائون.

من هماندم که وضوسا ختم ازچشمهٔ عشق۔۔۔۔۔چار تکبیر زدم یکسره برهرچه که هست

ترجمو : جڏهن مون عشق جي چشمي مان وضو ڪيو ان وقت چارئي تڪبيرون هڪ هنڌ گڏ هيم يعني ڪو لاڳاپو دنيا جو نہ رکيم سڀ وساري ڇڏيم.

اتي محمد رضا نالي نوڪر يارمحمد جي چيو.

دوست بیدار بشو عالم خواب است این جا..این دم تیغ بهر قتل وجود است این جا

ترجمو : اي دوست خبردار ٿي هينئرمرڻ جو وقت هتي آهي هن دم هتي ترار ظلم جي وهندي. نواب حڪم ڏنو قتل جو.

پاڻ فرمايائون.

ساقیا بر خیز دردِ جام را۔۔۔۔خاک بر سر کن غمِ ایام را

ترجمو : اي ساقي اُٿي ڏي پيالو بقاءَ جو هن دنيا جي غمن کي ڌوڙ وجهہ يعني وسار.

سندن ياءُ ۽ پائيتي جي شهادت فقيرن سميت

پاڻ فرمايائون تہ پهريائين شاه رحمت الله شاه ۽ محمد يوسف شاه پي ۽ پُٽ کي قتل گاهہ ۾ آڻيو. پوءِ پاڻ ڏي ۽ پائيتي ڏي منهن ڪري فرمايائون.

در مسلخ عشق جز نکو را نکشند۔ ۔ لاغر ضعتان و زشت خو را نکشند

گر عاشقی بیا و ز کشتن مهر آس۔ ۔ مردار بود آنچه مراو را نکشند

ترجمو : عاشقن رندن جي قتل گاهہ ۾ چنگي پَهرُو ڪانسواءِ ڏٻري کي نہ ڪُهندا آهن جي سچي عاشقن مان آهين تہ ڪسڻ کان نہ ڊچ جو تہ مردار پَهرُو ڪهڻ ۾ نہ ايندو آهي حلال جانور سڀ ڪهڻ ۾ ايندو آهي.

ائين چئي حڪم ڪيائون تہ نماز ۾ مشغول ٿيو اهي ٻئي نماز ۾ مشغول ٿيا قاتلن ۽ جلادن ترارُن سان ڪين قتل ڪيو." قَالُوا إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ" پوءِ پاڻ حضرت صوفي صاحب آسمان ڏي منهن ڪري فرمايائون.

میکشد این غم که میگوید توبه کردی نه عشق ما نه هنوز

بادائی نماز شو باالله عالمی توبه کرد ما نه هنوز

ترجمو : هي ڏک مونکي ڪُهي ٿو وجهي جو محبوب عتاب ٿو ڏي تہ عشق کان توبهہ ڪيئي يا نہ اي محبوب خداصاحب جو قسم آهي تہ تنهنجي عشق کان ٻي ساري عالم توبهہ ڪئي آهي مگر مان توبهہ نہ ڪندس.

عتاب : تعنو، مهڻو، ٽوڪ

ائين چئي پاڻ بہ نماز ۾ مشغول ٿيا. قاتلن تراريون هنيون مگر اثر نہ ٿيو اتي ظالم ڏاڍا شرمنده ٿيا. تڏهن پاڻ جنهن قاتل کين تراريون هنيون ٿي ان کي ڏهہ مُهُرون محنت ڏنائون ۽ پنهنجي ترار جا مرشد وٽان ملي هُيَن سا ڏئي چيائون تہ هن تلوار کانسواءِ ڪم پورو نہ ٿيندو پوءِ پاڻ سجدي ۾ ويا ۽قاتل ان تلوار سان کين شهيد ڪيو.سندن شهيد ٿيڻ جي تاريخ 16 صفرالمظفر سن 1130 هجري آهي. إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ.

چون ٿا تہ حضرت صوفي صاحب جي قاتل جي شڪل بہ حضرت امام حسين عليہ السلام جي قاتل شمر ملعون جهڙي هئي.
فارسي واري چيو آهي تہ

رسیده قاتل بی‌رَحم، چون شِمر، به فَرقَش زد دو سه زخمِ گرانی

ترجمو : "قاتل بي رحم شمر ملعون جي شڪل جهڙو ان اچي مٿي تي بہ ٽي ڌڪ هنيان". سر مبارڪ ڌڙ کان جدا ٿيڻ شرط فرمايو

رہا نہی مرا از قید ہستی، جزاک اللہ فی الدارین خیرا

ترجمو : مون کي جسم جي جنجل کان ڇڏائيئي الله سائين توکي خير جو بدلو ڏيندو.

ڪن روايتن ۾ اچي ٿو تہ جڏهن ظالمن کين تلوارون هنيون ۽ کين ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو تڏهن پاڻ فرمايائون تہ اوهان جي لشڪر ۾ هڪڙو شيرين اکين وارو همراهہ آهي سيني تي ڪوڙهہ جا نشان اٿس ان کي وٺي اچو جڏهن اهو آيو تہ پاڻ ان کي محنت جو اجورو ڏنائون ۽ سندن تلوار ڏنائون ۽ فرمايائون تہ هن کان سواء ڪم پورو نہ ٿيندو

ناظرين صاحبو اهاو ڏي ماتم جي مهل هئي جو اهڙن ڏٺي جي پيارن بي گناهه صوفن سچن جا سر پليتن ظالمن کلهن کان جدا ڪيا بيشڪ الله سائين بي نياز بادشاهه آهي.شاه صاحب فرمائي ٿو

دوست کھائي دادلا تو محب مارائي
خاص خليلن کي تو سختيون سهائي
الله الصمد بي نياز سا ڪري جا چاهي
انهيءَ ۾ آهي اُنهي ڳالهه اسرار جي

صوفي لا ڪوفي ڪونه پانئيس ڪير
منجهان ئي منجهه وڙهي پڌر نه پائي پير
جنين ساٽس وير تي واهرُو تن جو

انهي جانگاه حادثي جي بيان ۾ فقير صاحب فقير قادر بخش بيدل صاحب عليہ رحمت صوفي وينل روهڙي شريف هينيون تاريخ نامون فرمايو آهي

عشق چندین جلوه بر عشاقِ بی سر و پا نمود
برِ خطهٔ صاحبدلان صدره در محنت کشود

اصفیا و اتقیا را آتش اندر جان فروخت
انبیا و اولیا را دستبُردِ خود نمود

یک باد از رحلتِ ختم الرُّسل احمد، سه بار
سطوت آن سلطانِ اعظم، هوشِ عالم را ربود

اوّلین کُبرایِ قیامت، قتلِ اولادِ رسول
در سَنِ شصت و یکم، مثلش نیامد در وجود

دویمی وُسطیٰ قیامت، واقعہ ای بس ہولناک
در نہم سالِ سہ صد، قتلِ شہِ حلّاج بود

سہ یَمی صُغریٰ قیامت، در ہزار و سی و صد
سر بُریدَن صوفی بَخُود، کمالش را خَفُرود

باد! با ہر درد نوش، جامِ دردِ عاشقی
قسمتِ بیدل تجرع فیض۔ ز آن پیمانہ بود

حضرت صوفي صاحب جن جي عمر ٽيهٺ (63) سال هئي هن جو بيان بہ فقير صاحب قادر بخش بيدل فارسي ۾ ڇيو آهي جو سندن فارسي شعر ۾ موجود آهي.

سر مبارڪ جو دهلي وڃڻ لاءِ نيزي تي سوار ٿيڻ.

جڏهن پَليتَن حضرت صوفي صاحب کي شهيد ڪيو, تڏهن ميرانپور کي باهه ڏياري ويئي, ڪوٽ ڊهرايا ويا, فقيرن ۽ اولاد باقي جيڪي رهيا انهن لاءِ قيد ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ۽ سر مبارڪ کي نيزي تي سوار ڪري دهلي ڪٽي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. جو فرخ سير جو حڪم هُيَن ته انهي آدمي جو سر وڍي ڪٽي اچو جو هُو بادشاهي کسڻ جو خيال ٿو ڪري. جناب مير صاحب مير جان الله شاه عليه رحمت خليفه حضرت جي (ديوانِ مير) مان غزل تحفه طور ڏجي ٿو. پاڻ فرمائن ٿا ته انهي گمان ته بادشاهي اسان کان کسي ويندو پر ائين ٿيڻ سان حضرت صوفي صاحب جو روح معراجي منزل کي پهتو. هڪ غزل عرض رکجي ٿو.

(غزلِ ميرؒ)

اى نفس شوم مشتاب بس کن زکد خدائی
بابندگان نمانی لافت ہمہ خدائی

داکردہ در تکلم شیخانہ دفتر مکر
رندانِ بی تکلف دانند بی ریائی

چون سگ بہ لقمہ لابہ بہر فریب عامان
خاصان خوردہ پنہان دانند این رعائی

قول تو روز مطلق فعل تو نیست برحق
ہر شب بہ فکر شیخی ہر روز خود ستائی
باشد زحق کنارت شیطان رفیق و یارت
یک لحظہ دیدہ داکن بین آخر این اعمائی
دعویٰ دانشت ہیچ دیدم آزمودیم
با دوست چین بر ابرو دشمن سلام و پائی
در سر خیال دنیا در بر لباس فقرا
آہ این چہ گندہ بازی آہ این چہ بی حیائی
از دل ہوس بردن کش دین خرقہ کو نباشد
میلت بکفش زرین آہ این برہنہ پائی
از دل ہوس بردن کش دین خرقہ کو نباشد
میلت بکفش زرین آہ این برہنہ پائی
از حق تمام غفلت محکوم دیو دنیا
در خلق کردہ ظاہر دعویٰ اولیائی
از راست گر نرنجی گویم صریح بشنو
در کفر پیش دستی در دین گریز پائی
از حق حیات ناید در خلق نیست شرمت
ای خود پرست دانان تاکی چنین برائی

ہرگز نہ کردہ باشم یک دعوت مسلم
گر راست باز گردی دانم کہ پر خدائی
از دست چون تو ظالم نالم بحضرت دوست
آن مقتدائی جانہا مہدی بابتدائی
آن مظہرالعجائب و آن منبع الغرائب
و آن دافع النوایب و آن نور کبریائی
با مصطفیٰ ست یکتن با مرتضیٰ ست یکدل
با اولیا ست یکجان و آن سر انبیائی
آن نور ذوالجلالست و آن ذات باکمالست
و آن دافع ضلالست و آن حجت خدائی
آن وارث نبوت آن حارث ولایت
در دست خار مانش اژ در کند عصائی
آن عارفِ محقق و آن کاشف مدقق
نامش عنایت اللہ و آن نور مصطفائی

(دویم غزل میرؒ)

این بر قد تو زیبا تشریف کبریائی
د ای از تو شد ہویدا در بندگی خدائی

حقاکہ نور پاکی دور از غبار خاکی
دا رند ہر دو عالم بر عصمتت گواہی

نازد بتو امامت بالا بتو شجاعت
در محفل سخایت حاتم کند گدائی

ای فقر بر تو زیبا و ای زہد بر تو شیدا
عشق از تو شد ہویدا ای جان پارسائی

در سابقان ولا حق با تو کسی نہ سنجم
ای نور دیدگانم درّ گران بہائی

مطلوب طالبانی مصروف عارفانی
معشوق جان ستانی محبوب دلربائی

وضع قلندرانت گو بردہ از مشائخ
شد برسرت مسلم آئین مقتدائی

در عہدِ تو ولایت بر اوج عزت آمد
چون ختم بر محمدؐ شد کار انبیائی

طلاب حق ز ہر سو در حضرتت دویند
از خاندان دیگر برخاست پیشوائی

ای قطب وقت دایم دور تو گشت قایم
بر راه استقامت مهدی نما خدائی

شیخان کبر کیشان اندر حسد فتا دند
دا دند در خلایق انکار را روائی

زا قوالِ کافرانہ کان در حق رسل بود
آن بولہب مزاجان کر دند ثا ژخائی

خاصان حق شناسان در پات سجدہ کردند
عامان برنگ غولان در جوش ہو ہوائی

و آن شد بہ پیش ساقی در محفل سقاہم
دین ماندہ در توہم اوئی توئی و مائی

فرخ سیر مخبط آن شاہ جاہلیت
بر گشتہ بی تحقق بر قول ادّعائی

تر سید ز نیکہ گیرد ملکش فقیر تارک
یارب نعوذ باللہ زین عقل روشنائی

برخاست تانشاند شمع وجود حق را
غافل ز سر بریدن افزون کند ضیائی

آن مرشد یگانہ و آن عارف زمانہ
رخت از جہان بردن زد در عالم خدائی

آن گرد با خذلان واین چشم سار عرفان
و آن معدن ضلالت واین نور ابتدائی
آن دست فرد شیطان واین ذات محض رحمٰن
آن ظلمت شیاطین و این نور مصطفائی
آن دفتر جہالت و این محضر شریعت
آن عامل یوسوس و این جامع خدائی
آن خاکسار نکبت و این لالہ زار رحمت
آن بقعۂ کدورت و این روضۂ صفائی

(سویم غزل میرؒ)

ای درختِ مبرہن انوار اولیائی
و ای در دلت مبین اسرار انبیائی
شاہا بلند قد را رحمی بدل سکستم
افتادہ در مذلت از طبع رد ستائی
کس دوست خود بدشمن ہرگز نداده باشد
از نفس بدسگالم باری بدہ رہائی
خبر تو کسی ندارم جز تو کسی نخواہم
بی تو دمی نباشد باشد کہ رونمائی

نامِ قصیدہ کردند در قدس حجت اللہ
بر سنتِ محمد در حضرت خدائی

با میر دل شکستہ پیوستہ باش مونس
در حضرت تو دارد آئین جبہ سائی

سر مباڪ جي مخدوم ناري ۾ هڪ بئي فقير سان گفتگو

جڏهن سر مبارڪ کي ڪٽي هلياءِ نتي ۾ پهتا تڏهن اتي سر مبارڪ کي گشت ڪرايائون ته سڀ خلق عبرت وٺي. نتي ۾ هڪ فقير هو جنهن ڪڏهن به ڪو اکر نه ڳالهايو هو سدائين صبر ۾ گذاريندو هو ان سر مباڪ کي ڏسي اُتي هٿ ٻڌي عرض ڪيو. "پيرُ پريان جي پڙ ۾ ڪنهن چيئَي ته پاءِ"

سر مبارڪ فقير کي جواب ڏنو

دير است كه آوازِ منصور كهن شد
اكنون تو برو جلوه بده دار رسن را

ترجمو : "منصور کي مئي گهڻا ڏينهن ٿيا هئا انڪري اهو شورِ منصور پراڻو ٿيو هو هاڻي تون ڦاهيءَ جي رسي کي نئون ڪر ته ساڳيو اهو جوش خروش نئون ٿئي ته سڀ ڪنهن کي نئي سر ياد رهي". سر مبارڪ کي گهمائيندي جڏهن مخدوم ناري صاحب جي جاءِ وٽان آيا تڏهن مخدوم ناري کي به جنهن سندن حياتيءَ واري وقت ۾ ڏانهن هينيون بيت عتاب روئي چوائي موڪليو هو پاڻ فرمايو هئائون توان جو جواب مخدوم ناري کي روبرو ڏبو. مخدوم ناري جو چوائي موڪليل بيت هي هو.

جگرِ شير نداری سفرِ عشق مکن
سبز تیغ درین ره زکمر میگذرو

ترجمو : "جي شينهن جو جگر نہ ڏارين تہ عشق جي ميدان جي مسافري نہ ڪر چو تہ تڪيون ترارون ان وات تي ڪنڌ ڪپيندڀون آهن". اتفاق سان انهي ءَ وقت مخدوم نارو سندس جاءِ جي در وٽ ويٺو هو سر مبارڪ زبان گوهر فشان مان هي بيت فرمايو.

سر در قدم يار فدا شد چه بجا شد
اين بار گران بود ادا شد چه بجا شد

ترجمو : "منهنجو مٿو يار جي قدمن ۾ قربان ٿيو ڪهڙو نہ چڱو ٿيو. هي ڳورو بار هيو جو ادا ٿيو ڪهڙو نہ چڱو ٿيو". پاڻ وري فرمايائون تہ اي مخدوم نارا عشق همين است نه دگر است

ترجمو : "عشق هن کي چئبو آهي نہ ٻئي کي" مخدوم نارو اهو ٻڌي بيهوش ٿي ويو ۽ گهڻي دير کان پوءِ هوش ۾ آيو.

سر مبارڪ جو رستي ۾ مريد ڪرڻ

انهي طرح سر مبارڪ کي شهر بہ شهر گهمائيندي دهلي نيائون رستي ۾ سر مبارڪ پارسي ابيات تصنيف ڪئي ڪرامت جو اهو ڪيل ڏسي ماڻهون سڏا مريد ٿيا چون ٿا تہ دهلي تائين سرمبارڪ ست سؤ بيت فرمايا هئا۽ ڪيترائي مريد سرمبارڪ جا ٿيا. اهي بيت بي سر نامي ۾ موجود آهن

دهلي ۾ سر مبارڪ جي پهچڻ جو احوال

جڏهن سرمبارڪ دهلي ۾ فرخ سير جي ڪچهريءَ ۾ پهتو تہ سيد عبدالله شاه ۽ سيد حسين علي شاه بهره وال جي فرخ سير جي دربار جا امير الامراءُ هئا حڪومت جا ٿنيا هئا. اهي سيد حضرت صوفي صاحب جڏهن پاڻ مرشد سائين جن موڪلائي سنڌ ٿي آيا تڏهن مريد ٿيا هئا فرخ سير خوشي مان خبر ڏني تہ جنهن ماڻهوءَ سنڌ ۾ اسان کان حڪومت کسڻ جو خيال ڪيو هو ان جو ڳر گهرايو اٿم اچي ڏسو عام ماڻهن کي اطلاع ڏنو ويو جڏهن ٻئي سيد بادشاهہ جي ڪچهري ۾ آيا تہ هنن سر سڃاتو تہ اسان جي مرشد هادي جو سر آهي تڏهن هنن کي اهڙي چڙ آئي جو فرخ سير کي اتي جو اتي ترارون هڻي ماري وڌو ۽ سرمبارڪ کي تمام گهڻي تعظيم ۽ تڪريم سان پنهنجي قبضي ۾ آندائون.

سر مبارڪ جو سنڌ ۾ اچڻ

انهن سيدن مريدن بلڪل گهڻي حفاظت سان سر مبارڪ کي سينگاري سوني ٿالهه ۾ رکي مٿي تي کڻي پنهنجي سر پاڻ سندن ماڻهن سان گڏ سنڌ ڏانهن آندائون ۽ آڻي حضرت جن جي ڌڙ مبارڪ سان ملائي سندن پاءُ ۽ پائتي سميت جنهن جاءِ تي هينئر درگاهه آهي اتي دفن ڪيائون ۽ تربت مبارڪ به پاڻ تيار ڪيائون.

شهنشاهه شهيد کان پوءِ صوفن لاءِ وقتي تڪليفون

جڏهن ڪلهوڙن حضرت صوفي صاحب جو سر مبارڪ دهلي ۽ روانو ڪيو, ان کان بعد شهر به شهر منادي ڪرايائون ته جيڪو ڪنهن صوفي جو سر وڍي کڻي ايندو ان کي پنج (5) رپيه انعام ملندو. ان حالت ۾ به سندن ڪيترائي مريد شهيد ٿيا, ڪو به گيڙو ۽ جو ڪپڙو ڪندو هو ته ان کي صوفي ڄاڻي ماريندا هئا پر اهڙين سختين هوندي به سچا صوفي خدا صاحب کي ياد ڪندا آيا. آخر گيڙو پائڻ بلڪل بند ٿي ويو ته ڏهن ڪلهوڙن حڪم ڏنو ته جنهن جون اکيون ٻاڙهيون يعني اوڇاڳيل ڏسو ته ان کي ڏک هڻو جي ڏک هڻڻ شرط سندس وات مان الله لفظ نڪري ته ڄاڻو ته صوفي آهي ان کي به ماري سر لاهي اچي پئسا وٺو.

حضرت شاھ شھيد عليہ رحمت جي اولاد جو بيان

حضرت شاھ شھيد عليہ رحمت جن کي ٽي فرزند ھئا

(1) حضرت شاھ خليل اللّٰہ شاھ عليہ رحمت

(2) حضرت شاھ عزت اللّٰہ شاھ عليہ رحمت

(3) حضرت شاھ سلام اللّٰہ شاھ قلندر عليہ رحمت

(1) حضرت شاھ خليل اللّٰہ شاھ عليہ رحمت جو بيان

ناظرين صاحبو جڏھن ڪلھوڙن جي چورپچورتي فرخ سير جي لشڪر حضرت صوفي صاحب سان لڙائي جو ارادو ڪيو تڏھن شاھ خليل اللّٰہ شاھ کي ھندي فقير گجرات يعني ناناڻن ڏي ھندستان ڪٽي وياجتان پاڻ ڪن مريدن سان گڏ ايران جي طرف وياءِ ساري ڄمار ايران ۾ رھيا پاڻ مجردءِ متوال ھئا شادي ڪانہ ڪيائون. ايران ۾ سندن معجزا ڪرامتون ٿيل لڳتي ڏنيون وينديون.

شاھ خليل اللّٰہ شاھ ساري عمر ايران ۾ رھيا. سندن حياتي يا مرقد جو بيان ڪرڻ کان قاصر ۽ عاجز آھيان پاڻ ڪڏھن وفات ڪيائون يا ڪٿي ڪيائون اھڙي ڪابہ خبر اڄ تائين نہ ملي آھي جنھن صاحب کي سندن احوال جي ڪا خبر ھجي تہ برائي مھرباني مون کي ڏياري موڪليندا تہ سندن شڪر گذار رھندس.

(2)حضرت شاه عزت الله شاه صاحب جو بيان

هي صاحب حضرت صوفي صاحب جن جا وچان فرزندهئا شهادت جي وقت پاڻ ننڍي عمر جا هئا. ۽ مريدن سان گڏسندن حڪم موجب مير انپور ڪان ٻاهر ڪنهن هنڌرهندا هئا. ڪلهوڙن جڏهن حضرت صوفي صاحب کي شهيد ڪيو انهن جو قتل عام ڪرايو ۽ شهر کي باه ڏياري ظلم ايتري قدر جو صوفي جو سر پنجين (5) رپيي ۾ وڪامي رهيو هو ۽ اهاڳالهه ملڪ ۾ مشهور ٿي تڏهن اجمير جو پير جو حضرت صوفي صاحب جن جو خليفو هو تنهن اهاڳالهه ٻڌي ته دل ۾ خيال ٿيس ته مرشد سائين جن مونکي شهيد ٿيڻ نه ڏنو ۽ فرمايو هئائون ته تون فقير کي وڏي ڪم ايندين سو شايد هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي ڪم اچڻ جي مهل به اها آهي جو اهڙو سخت واقعو صوفن تي اڳ ۾ نه آيو آهي. سو هڪدم دهلي ويو ۽ ان وقت دهلي جو بادشاه محمدشاه هو. بادشاه اجمير شريف وارن جو مريد هو, خليفي صاحب بادشاه سان صاحبن ڪريمن بابت تذڪرو ڪيو جنهن تي بادشاه جواب ڏنو ته اوهان پاڻ پير آهيو صوفي صاحب جا ميد چو ٿِيَوَ. پاڻ فرمايائون ته جڏهن هڪ دفعه مهنهنجي نظر حضرت صوفي صاحب تي پئي ته منهنجي پيري ائين اڏامي وئي جيئن ڦوڪ سان ڦلو اڏامي وڃي.

ان اجمير جي پير جو اسم مبارڪ خواجه عبيدالله المعروف خواجه حامد هو. جيڪو مٿي ڄاڻايل صاحبن شهيدن جي خليفن جي لسٽ ۾ موجود آهي

گھٽي بحث ڪان پوءِ بادشاھ ڳالھ مڃي ۽ صاحبن جو معتقد ٿيو جو ميرانپور جي شھر جي آس پاس واري زمين جا ھڪ ھزار (1000) ايڪڙ ھئي ان جو چوٿون حصو جاگير ۾ ٿي حصہ زميداري جو پروانو ڪري ڏنو ۽ ائين بہ چيائين تہ اڄ ڪان پوءِ ڪو بہ صوفين ڪي شھيد نہ ڪندو ۽ انھن سان ڪنھن بہ قسم جو ظلم ,جبر نہ ڪيو ويندو پلي پنھنجو طريقو جاري رکن اھو پروانو حضرت شاھ عزت اللہ شاھ جي نالي سان منسوب ٿيو جو اڄ تائين موجود آھي ۽ اھا زمين بہ اڄ تائين سندن اولاد يعني گادي نشين جي ھٿ ھيٺ آھي.

پروانو خليفہ صاحب يعني پير اجمير شريف ڪي مليو جو پاڻ ڪٽي ميرانپور آيا ۽ حضرت شاھ خليل اللہ شاھ جي نہ ھجڻ سبب صاحبزاده سائين عزت اللہ شاھ ڪي گادي نشين مقرر ڪيو ان ڪان پوءِ مريد خادم اچڻ وڃڻ لڳا پاڻ خدا صاحب جي وات پنھنجي والدجي خليفي محمد اسماعيل صاحب ڪان پڇي ھئائون اھڙي طرح خدا صاحب جل شانہٗ جي يادگيري جو سلسلو ساڳي ريت ھلڻ شروع ٿيو. آخر پاڻ تاريخ 12 جمادالثاني سن 1187 ھجري بمطابق 1770 ع ۾ ھن فاني جھان مان دار البقاڏي رواناٿيا.. "قَالُوا إِنَّا لِلّٰهِ وَ إِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ" ڪين ھڪ فرزند ۽ ھڪ نياڻي ھئي سندن فرزند ننڍي ھوندي ئي وصال ڪري ويو باقي پنھنجي نياڻي حضرت سائين محمد زاھد شاھ (ڪلان) ڪي ڏنائون جنھن جو احوال اڳتي ايندو

(3)حضرت شاه سلام الله شاه قلندر جو احوال

پاڻ حضرت صوفي صاحب جي شهادت وقت ڇهن مهينن جا هئا ۽ پينگهي ۾ آرامي هئا. جڏهن حضرت صوفي صاحب شهادت تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا ته پهريائين سندن مٿئون بيهي پنهنجي تاج مبارڪ کين پارايائون ۽ گودڙي جيڪا سندن جان کي ويڙهيل هوندي هئي اها به کين ڏنائون ۽ صاحبزاده کي هنج ۾ کنيائون اتي صاحبزاده زبان مبارڪ مان فرمايو "ابا الله" پاڻ فرمايائون ته توکي بخشو سون. ٽي دفعه صاحبزادي ائين فرمايو ۽ سندن والد به ساڳيو جواب فرمايو ۽ هي بيت به چيائون.

بيٺو وترو کوهه کيهر جو پس
جتي وڃي دمامن دس اتي آسڻ ڪجان آکرو

ائين چئي پاڻ ٻاهر آيا ۽ خاص مريدن کي فرمايائون ته شاه سلام الله شاه کي ننڍي هوندي شادي ڪرائجو ته ڪجهه وقت زماني جي حالت ۾ رهندو نه ته سندن هٿ زماني جي حالت کان آزاد رهندا ۽ پاڻ مجزوبي حالت ۾ هندا. حضرت صوفي صاحب جي شهادت کان پوءِ اهل و عيال و اطفال وقت جي نظريه موجب ميرانپور ڇڏي مريدن ۽ مائٽن ۾ پناهه ورتي وري جڏهن پاڻ موٽي آيا ته صاحبزاده طفليت جي حالت ۾ رهيا.

جڏهن سندن عمر پندرهن سورهن سالن جي قريب ٿي تہ پاڻ تمام اُچا ڪپڙا پائيندا هئا ۽ سندن وڏا رکيل هئا ۽ هميشہ آرام ڪندا هئا ۽ ننڊون ڪندا هئا. سندن فقير مريد جيڪي هميشہ مجاهدي مراقبي ۽ قلبي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول هئا انهن جي ننڊ چڻ حرام هئي. اهو فقيرن جو وظيفو هو جو ساري رات مراقبي ۾ رهندا هئا. هڪ رات فقيرن ۾ اهو بحث اُٿيو تہ حضرت صوفي صاحب جن صاحبزادي لاءِ فرمايو هو تہ مجزوب ۽ فقير ٿيندو مگر نينگر جي ڄمار پندرهن سورنهن ورهہ اچي ٿي آهي اجان تہ ساري رات سمهيو پيو آهي پيو ننڊون ڪري خبر نہ آهي تہ سندن چوڻ ڪڏهن پورو ٿيندو. شاہ سلام الله شاہ صاحب ظاهري ۾ شايد سُتل هئا پر باطن ۾ تہ پاڻ خدا صاحب جل شانہٗ ڪي رسيل هئا. جيئن ٿيائي فرمايو.

تن تسبيح من مٽيو دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت ساڻ وڄن
وحدہٗ لاشريڪ لہٗ اهو راڳ رڳن
اهي ستا ئي جاڳن ننڊ عبادت جن جي

انهيءَ وقت هڪ فقير ڪامل فقير مينگهواڙ ڪي مليو درگاهہ تي رهندڙ هو اهو ڳوٺ ويو ۽ واپس مير انپور پئي آيو تہ ان مينگهواڙ فقير صاحبزادي جو احوال ان مريد ڪان پڇيو. ان فقير مينگهواڙ فقير ڪي صاحبزادي جو ظاهري احوال ٻڌايو تہ هن ڪي ڏاڍو ارمان ٿيو.

۽ شاه سلام الله شاه ڏي ان فقير هٿ نياپو ڪيائين ته اوهان پنهنجا ڪم ڇڏي ٻين ڪمن ڪي لڳا آهيو. فقير اهو نياپو ڪين آٿي سُڻايو. نياپي ٻڌڻ شرط باهه ٻارائي ڪپڙا لاهي ساڙيائون ۽ ڪينچي گهرائي وار ڪترايائون ۽ ڪفني ٻڇي ۾ پائي پڇاڪيائون ته هن وقت صاحبن جي فقيرن ۾ کهڙو فيض وارو آهي. فقيرن کان پڇا مان معلوم ٿيو ته هن وقت حضرت شاه شهيد عليه رحمت جي وڏن خليفن مان وڏي ڄمار وارو فقير شاه عبدالطيف نٿي وارو آهي. پوءِ پاڻ تنها هليا ويا وڃي نٿي ۾ شاه عبدالطيف صاحب جن وٽ پهتا. شاه صاحب وڏي تعظيم سان احوال پڇيو. پاڻ فرمايائون ته توکي خدا صاحب جي واٽ اسان جي بابي سائين ڏسي هئي اهو سڀ رستو اسان کي ڏس شاه صاحب جواب ڏنو ته قبلا صاحبن ڪريمن جو حڪم اڳ ۾ اوهان جي شادي لاءِ هو پوءِ ذڪر فڪر جو. شادي پاڻ نه قبول ڪيائون ۽ رستو پڇيائون آخر رستو شاه عبدالطيف صاحب کان پڇي پاڻ مراقبي ۾ ويهي رهيا. رستو هڪ رات ۾ حل ڪري صبح جو شاه صاحب کي ٻڌايائون. شاه صاحب جن کي اچرج لڳو ته جو پنڌ مون ساري ڄمار ۾ ڪيو سو سائين جن هڪ رات ۾ طئي ڪيو آهي. عرض ڪيائين ته قبلا جنهن اوهان جي رهبري ڪئي آهي اڳتي به اهو ئي ڪندو. مون کي وڌيڪ ڏسڻ جي طاقت نه آهي نه ئي معلوم اٿم ڇا ڏسيان! صاحبزادي ڪانئن موڪلايو ۽ حضرت ميرانپور شريف موٽي آيا.

مير انپور پهچي اچي ڪوٽ جي دروازي تي ويٺا اتر پاسي ڏسي فرمايائون ته هيڏي نه هلبو وري اولهه پاسي ڏسي فرمايائو ايڏانهن به نه وڃبو وري ڏکڻ طرف ڏسي فرمايائون ته ايڏانهن به نه هلبو. اوڀر پاسي نهاري چيائون ته ايڏانهن هلبو ۽ اوڀر طرف جو رخ ڪيائون. پاڻ نه اندر ڪوٽ ۾ ويا نه ڪنهن کان موڪلايائون نه ڪنهن فقير سان ڳالهايائون جڏهن مريدن ۽ فقيرن ڏٺو ته صاحبزادو اڳي کان هينئر ٻئي خيال ۾ آهي ۽ جيڏانهن وڃي ته ساڻن گڏ وڃجي تڏهن هڪ فقير رانول فقير نالي چيو ته مان صاحبن ڪريمن سان هلان ٿو ۽ پٺيان لٺ جو ليکو ڪيندو هلندس او هان ڪجهه سامان پاڻ ساڻ ڪٽي اچو صاحبزاده جي ڪاڻ لاءِ به ڪجهه آڻجو فقيران صلاح موجب ان ڪم کي لڳا. اهو فقير رانول سندن پويان ويو. پاڻ سڌا هلندا ويا نه ڪاڻ نه پيئڻ نه ڪٿي ويٺا نه ڪٿي بيٺا. فقير پويان لڳا وڃن جي ڪٿي ڪاڻ پيئڻ لاءِ ترسن ته رهجو وڃن وري اچي پهچن آخر ڪاڻ پيئڻ جو سامان به ڪٿي ويو. پاڻ سڄي تر جو سفر ڪندا جيسلمير جو ڏپور ڪان ڦرندا ڏير اتر جي پٽ تي پاڻ ڏير اڄمايائون فقير به ٻُکن اُڃن تي ساڻن گڏ رهيا. پاڻ پور اٻار نهن سال ان پٽ تي چلو ڪديائون اُتي هڪ ڪٻڙ آهي ۽ چلي جي جاءِ اڄ تائين موجود آهي ان پٽ کي هاڻي لَکَ واري پٽ ڪري چوندا آهن ۽ هاڻو کي تجل شريف کان چار ڪوهه يعني اٺ ميل اوڀر طرف واقع آهي

جڏهن فقيرن جو سامان وغيره ڪٽي ويو ۽ بڪ تنگ ڪيَن ته عرض ڪيئون قبلا سائين بک هلاڪ ڪيو آهي ان لاءِ ڪو سائين جن بندوبست ڪن پاڻ حڪم ڪندا هئا ته فلاڻي ڪرڙ هينان ڪو ٽيو فقير حڪم مطابق وڃي ڪوٽين ته ٻه ٽي سونيون مُهرون هٿ لڳنديون هئن. فقير اُنن تي چڙهي (جي مير انپور ڪان آندا هئائون) ڪنهن ويجهي ڳوٺ مان پنهنجي لاءِ بندوبست ڪندا هئا يا وري حڪم ڪندا هئن ته اَڱن جا پن پٽي اچو پاڻ سندن چادر جو ڪپڙو مٿان ڏيئي چوندا هئن ته وڃي ڪيري مٿان وجهو فقير اهي پن ڪٽي ڪيري ۾ وجهي وري جو ڪڍندا هئا ته ڪٽڪ جون مانيون هونديون هيون اهي ڪائي گذر سفر ڪندا هئا يا وري چوندا هئن ته ڦوڳ يا ٻوهه جا گل پٽي اچو (ڦوڳ ۽ ٻوهه ٿر جا مشهور ٻوٽا آهن) پاڻ حڪم ڪندا هئن ته ديڳڙي ۾ وجهي رڌيو. وري جڏهن اهي لاهين ته خوشبودار چانور ٿيو پون. پاڻي لاءِ پاڻ حڪم ڪندا هئن ته فلاڻي ڦوڳ هيٺان ڪو ٽيو فقير وڃي ڪوٽيندا هئا ته پاڻي جو چشمو پيدا ٿي پوندو هو فقير پاڻي پي خوش ٿيندا هئا ڪپڙ امير ا ٿيندا هئن ته فقير عرض ڪندا هئا ته قبلا ڪپڙا مير ا ٿيا آهن پاڻ حڪم ڪندا هئن ته ڪپڙ الاهي سڀ ڍڳ ڪيو پوءِ حڪم ڪندا هئا ته انهن ڪي باهه ڏيو جڏهن رک (چار) ٿيندي هئي ته پنهنجي چادر جو پلو ان ڪيري مٿان وجهي حڪم ڪندا هئا ته هڪ هڪ فقير پنهنجا پنهنجا ڪپڙا ڪڍندو وڃي فقير ڪپڙا ڪڍن ته جڻ ڌوٻي جا ڌوتل آهن

فقيرن ته سندن اهڙا ڪيئي معجز اڏٺا هئاءِ انهن جو پورو پورو ويساهه به هو. پاڻ اهو سڀ ڪجهه فقيرن ۽ مريدن لاءِ ڪندا هئا. سائين جن پاڻ ته انهن ٻار نهن ورهن ۾ ظاهري طرح نه کاڌو کاڌائون نه پاڻي پيتائون اتان اُتي ڪنهن قصائي حاجت لاءِ به نه ويا هئا شب و روز مراقبي ۾ رهندا هئا سندن ڳالهائڻ به اَنين پهر رانول فقير سان ٿيندو هو جو سندن پيارو فقير هوندو هو. جيئن شاهه صاحب ڀٽائيؒ فرمائن ٿا ته

بک وڏائون بگرين جوڳي ڪندا جج
طلب نه رکن طعام جي اوتيو پيَن اُڄ
لاهوتن لطيف چئي من ماري ڪيو مڄ
سامي جهاڳي سڄ وڃي وسئون ڪي ويجها ٿيا

سندن ٿر جي سفر جا معجزا ۽ ڳالهيون جي لکڻ ۾ اچن ته هڪ نئون ڪتاب ٿهندو. منهنجي زبان قاصر آهي آخر الامر هڪ ڏينهن فقيرن عرض ڪيو ته قبلا سائين ٻار نهن سال هن پٽ تي ويٺي ٿيا آهن هاڻي اڳتي هلڻ جو ارادو آهي يا نه پاڻ فرمايائون ته اها جيڪا سامهون پٽ ڏسجي ٿي ان تائين هلبو. پوءِ اتان اتي هاڻوڪي تجل شريف واري پٽ جتي هينئر سندن درگاهه شريف آهي اتي هڪ ڦوڳ جي هيٺان اچي ويٺا جڏهن پاڻ ان ڦوڳ جي هيٺان اچي ويٺا ته ان جي چانوٺي طرف ڪاڏي نه ڦري ۽ پاڻ ساري ڄمار ڦوڳ هيٺان ان گودڙيءَ ۾ (جا سندن والد محترم کان ملي هئن) گذاريائون.

اهاگو دڙي ۾ تاج جو حضرت شاهه شهيد عليہ رحمت کان عطا ٿي هئڻ اڄ بہ موجود آهن ۾ گادي نشين وٽ تحفي طور رکيل آهن ۾ انهن جي زيارت ٻارهين مهيني حج مبارڪ جي موقعي تي مريد ۾ معتقد ڪندا آهن.

ڪلهوڙي ڪي حضرت شاهه سلام الله شاهه جي تجل شريف واري پٽ تي هئڻ جي خبر ملڻ ۾ سندس ردِ عمل

جڏهن صاحبن ڪريمن (حضرت شاهه سلام الله شاهه) جي تجل شريف واري پٽ تي رهڻ جي ڪلهوڙن ڪي خبر پئي تہ حضرت صوفي صاحب شاهه شهيد عليہ رحمت جو فرزند شاهه سلام الله شاهه ڪوڏو فقير ۾ اهل الله درويش ٿيو آهي تہ اهو ٻڌي ڪين حسد ٿيو ۾ صاحبن ڪريمن ڪي قتل ڪرڻ لاءِ رٿون رٿڻ لڳا. پر ظاهري طرح جو محمد شاهه مغل شهنشاهه دهلي جو پروانو لکيل هو تہ ڪو بہ بادشاهه صوفن سان ظلم نہ ڪندو ان ڪري ڳجهي طرح سندن دفع ڪرڻ لاءِ هڪ ماٺهوءَ ڪي ٽي دٻليون زهر قاتل جون ڏنائون انهن دٻلين مان هڪ اهڙي دٻلي هئي جو ان مان ٿورڙو زهر ڪنهن ڪاڌي پيتي ۾ ڪنهن ڪي ملي تہ ماري وجهي, ٻي دٻلي اهڙي هئي جو ان مان ٿورڙو زهر ڪنهن جي سمهڻ واري جاءِ تي وجهجي تہ ستل وري نہ اُٿي, ٽين دٻلي اهڙي هئي جو ان ڪي پاڻي تڙ ڪرڻ واري يا پيئڻ واري ۾ وجهجي تہ تڙ ڪرڻ يان پاڻي پيئڻ سان هڪدم ماڻهون مري وڃي. انهي ماٺهوءَ ڪي تاڪيد ڪيائون تہ جنهن ريت تو کان ٿي سگهي ڪم پورو ڪري اچجان اگي نہ اچجان.

آخر اهو ماڻهون پچائيندو پچائيندو اچي صاحبن (شاه سلام الله شاه تر ڏٽي) وٽ پهتو ظاهري طرح پيرين پيو ڏاڍي تعظيم ڪيائين پاڻ ته دستور موجب هميشه مراقبي ۾ رهندا هئا. آخر هڪ وقت پاڻ مراقبي مان متو ڪنيائون ۽ ان ماڻهون ڪي فرمايائون ته بجاءِ مهربان ڪلهو ڙن فقير لاءِ جيڪا سوکڙي توڪي ڏني آهي سا اسان کي ڏي هُو حيرت ۾ اچي ويو ۽ اهڙي دهشت ٿيس جو اهي ٽئي دبليون ڪڍي حضور ۾ پيش ڪيائين. پاڻ انهي ڪاڻڻ واري زهر جاڦڪ هنيائون ۽ سمهڻ واري ۽ بستري ۾ وجهڻ واري زهر کي بدن مبارڪ سان مليائون ۽ ٽين دبلي جيڪا تڙ ڪرڻ واري زهر جي هئي اها وارن ۾ ميٺ بدلي وڌائون ۽ چادر پائي سمهي رهيا. اُنن پهرن بعد اٿي وينا متن زهر جو ڪو به اثر ڪو نه ٿيو اهو معجزو ڏسي اهو ماڻهون ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ موٽي وڃي ساري حقيقت حاڪم سندجي اڳيان بيان ڪئي جنهن ڪري اهو به پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو شرمسار ٿيو.

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ فقير صاحبن ڪريمن (شاه سلام الله شاه تر ڏٽي) ڪان سوال پڇيو ته قبلا يزيد جو امام حسين عليه السلام سان ناحق ڪيو ان جو چا ٿيندو. پاڻ فرمايائون ته "فقير جو پنهنجي يزيد سان جهيڙو آهي ٻئي يزيد جي خبر نه آهي "مان سندن حياتي جو هڪ معجزو ناظرين جي اڳيان پيش ڪيان ٿو.

مئل ماڻهوءَ کي جيئري سان ملائڻ (معجزو حضرت ترڏڻي بادشاهه)

بڪار جي ملڪ ۾ هڪ سال سيدن ۾ لڙائي تي پئي جنهن ۾ ٻه ڀائر هڪ قنمبر علي شاهه ۽ مظهر علي شاهه هئا انهن مان هڪ سيد مظهر علي شاهه مارجي پيو سندس ڀاءُ جي ساڻس گهڻي محبت هئي ايتري جو صبح شام سندس ماتم خواني ڪندو هو ڀاءُ جي محبت ۽ فراق ۾ اهو سيد گهڻيون درگاهون ۽ پير گهميو ڀاءُ جي ملڻ لاءِ سوال گهر يائين مگر ڪٿان به مطلب پورو ڪو نه ٿيو آخر درگاهون گهمندو سوال ڪندو ڪندو اچي شهنشاهه قلندر ڪبريا جي درگاهه تي سيوهڻ نڪتو اتان خواب ٿيس ترڏڻي بادشاهه ڏير اتر ۾ ده فقير آهي ان وٽ وڃ ته مطلب پورو ٿيندئي صبح جو شاهه صاحب منزل بمنزل پنڌ ڪندو پڇائيندو پڇائيندو اچي صاحبن ڪريمن (شاه سلام الله شاه ترڏڻي) جي خدمت ۾ پيش ٿيو. جڏهن تجل شريف جي پٽ وٽ آيو ته اتي ڪيس ٻه اُٺ ڏسڻ ۾ آيا جن کي سونا والا ٻه لڳل هئا (اهي اٺ فقيرن مير انپور ڪان آندا هئا ۽ انهن تي پاڻي ڀاڪاڏي جو سامان ڪٿان ڪٽي ايندا هئا) انهن اٺن جا نالا هي آهن. هڪ جو نالو ڪيچي ۽ ٻئي جو نالو ڪرهو هوندو هو. شاهه صاحب جڏهن اٺ ڏٺا ته دل ۾ خيال ڪيائين ته جي فقير ڀاءُ ملايو ته واهه نه ته اٺ ٻئي ڪاهي ويندس. هوڏانهن پاڻ فقيرن کي اڳ ۾ فرمايائون ته "سائو ملڪ ۾ آيا آهن اٺ قابو ڪجو. شاهه صاحب دل ۾ ٻه خيال ڪري آيو هو. هڪ ته بڪار مان جهيڙو فساد وڃي ٻيو ته ڀاءُ ملي.

جڏهن شاهه صاحب روبرو خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ پاڻ مراقبي مان سر مٿي ڪڍي فرمايائون تہ بجاءِ مهربان اُنن جي واهر وڏي آهي تہ شاهه صاحب ڏاڍو پشيمان ٿيو وري پاڻ فرمايائون تہ اڳيان اڳين سان پويان پوين سان. سيد سمجهي ويو تہ بڪار مان جهيڙو نہ ويندو. وري پاڻ فرمايائون تہ مئي سان مري ملبو آهي اتي سيد سندو پٽڪو لاهي صاحبن ڪريمن (شاهه سلام الله شاهه ترڏٽي) جي پيرن مبارڪ تي رکيو تہ واسطي رب پاڪ جي اهامشڪل حل ڪيو. آخر گهڻي عاجزي نيزاريءَ کان پوءِ فرمايائون تہ تون پنهنجي ڳوٺ جي اولهه طرف جيڪي ڪرڙ آهن تڙ ڪري ڪپڙا صاف ڪري جمعي جي ڏينهن اتي وڃي ويهہ تہ توکي تنهنجو ياءُ ملندو. سيد ڪانئن موڪلائي ڳوٺ آيو ۽ ائين ڪيائين جنئن پاڻ فرمايو هئائون پوءِ ٿي سال جمعي جمعي جي ڏينهن ياءُ ملندو رهيو آخر پنهنجي حرم سان ڳالهه ڪيائين پوءِ ياءُ ملڻ بند ٿي ويو وري نہ مليو. شاهه صاحب جي ڳالهه ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿيو جڏهن شاهه صاحب ياءُ کان پڇيو تہ تون هت ڪنهن جي لشڪر ۾ ايندو آهين هي ڪنهن جو لشڪر آهي مونسان ملڻ لاءِ توکي ڪنهن چيو. تڏهن ان مري ويل ياءُ جواب ڏنو تہ هي لشڪر امام حسين عليہ السلام جو آهي اسان سڀ شهيدان لشڪر ۾ رهندا آهيون جڏهن لشڪر حضرت امام صاحب جن جو تجل شريف واري پٽ کان لنگهيو تہ هڪ فقير پوش ڪين تنهنجي ۽ منهنجي ملڻ لاءِ عرض ڪيو تنهن تي امام صاحب مون کي حڪم ڪيو تہ جمعي جمعي جي ڏينهن ياءُ سان ملندو ڪر ان حڪم مطابق آءُ توسان ملندو آهيان

شاهہ صاحب پاڻ تجل شريف وارن جا مريد ٿيا ۽ بڪار جي سيدن مان ڪيترائي سيد درگاهہ شريف تي رهندا آيا ۽ رياضت ڪندا آيا اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي هينئر بہ بڪار ملڪ جا بہ سيد هر هڪ سيد ڄامن علي شاهہ ولد سيد عنايت علي شاهہ ۽ سيد محمد امين شاهہ ولد سيد ڪريم بخش شاهہ وينل آر ڪوهر اچي درگاهہ تي رهندا آهن ۽ رياضت ڪندا آهن الله ڪين اجر خير ڏيندو. بڪار جا سردار سيد بہ پشت بہ پشت مريد طالب ٿيندا آيا اچن بڪار جو موجوده سردار نالو سردار سيد خادم حسين شاهہ آهي جيڪو جهوڪ شريف جي سجاده نشين حاجي عبدالستار سخي جو طالب ٿيو سندن مراد ۽ ويساهہ بہ اهو ساڳيو وڏن کان وني هلندو ٿو اچي پاڻ سردار خادم حسين شاهہ بہ جهوڪ شريف ۽ تجل شريف جي ميلن تي دستور مطابق ايندو آهي.

جناب حضرت شاهہ سلام الله شاهہ (ترڏٽي) سڄي ڄمار تجل شريف واري پٽ تي گذاري, سندن عمر 63 سال هئي. جڏهن سندن رحلت جو وقت عنقريب ٿيو تہ پاڻ فقيرن کي فرمايائون تہ منهنجي مرقد اتي هن پٽ تي ڪجو ۽ ميرانپور کان منهنجا عزيز قريب ايندا اهي لاش ڪدي ويندا مگر فقير جاهڏاتي هوندا ۽ سڏهتي هوندا. ان وقت فقيرن ۾ روڄ پئجي ويو. پاڻ فرمايائون تہ بہ لاش هوندا هڪ هُو ڪدي وجن تہ هڪ هت هوندو ۽ پاڻ هي بيت فرمايائون.

موڪل تي تئي مارئي الوڙي الو
سونهان مڪا سومري تہ هلو پنهنجي پاڻ پلو
ويندي ويڙهيچن ڏي پوي نہ واٽ ولو
هاٽي اهو سلو جو سونهون تي ساٽيهہ ڏي

آخر پاڻ سن 1183 هجري بمطابق 1766 عيسوي ۾ ذو الحج مهيني جي 25 تاريخ هي فاني دنيا ڇڏي عالم بقا ڏي تشريف فرما ٿيا. "قَالُوا إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ" جڏهن پاڻ وصال ڪيائون ته فقيرن دستور مطابق ڪين غسل ڏنو ته هڪدم جسم مبارڪ ۾ روح مبارڪ اچي ويو ۽ هي بيت فرمايائون.

من تن مارن ايڪ ٿيو انت نڪو آئون
پت پڙي پنهنوار سان لڌيم جان لائون
هي چائئون ڇڏيائون ته ملڪ سڀ ملهير ٿيو

حضرت عزت الله شاھ (گند پير) جي اولاد جو بيان ۽ حضرت نالي چگو شاھ جي اولا کي گادي ملڻ

ناظرين صاحبو ڪلهوڙن جي ايڏي عام قتل ڪرائڻ ۽ ظلم ڪان صوفين تي اهڙو وقت هو جو ڪو بہ ماڻهون صوفي سڏائيندو هو ان جو سر وڍائيندا هئا ۽ سر جي وڍيندڙ کي پنج رپيہ انعام ڏيندا هئا. پر رڳو صوفي سڏائڻ تہ نهيو پر الله جو نالو جيڪڏهن ڪنهن جي زبان مان نڪري ٿي ويو تہ ان کي قتل ڪيو ٿي ويو انهي ءَ ظلم ڪري سائين عزت الله شاھ بہ اهل و عيال سميت ڪنهن مخفي جڳهہ تي عزيزن ۾ رهندا هئا. جڏهن اجمير واري پير دهلي جي بادشاھ جا پروانہ آندا تہ سائين عزت الله شاھ کي وٺي اچي درگاھ تي ويهاريو. پاڻ گهڻو وقت الله جل شانہٗ جي يادگيري ۾ گذاريندا هئا, ڪين هڪ فرزند ۽ هڪ نياڻي هئي. سندن صاحبزادو ننڍي هوندي ئي گذاري ويو هو باقي سندن نياڻي پاڻ حضرت محمد زاهد شاھ (ڪلان) کي ڏنائون جيڪي سائين عزت الله شاھ جي سؤٽ جا فرزند هئا. ناظرين کي معلوم هجي تہ حضرت شاھ شهيد عليہ رحمت کي پيا بہ پٽ هئا هڪ حضرت رحمت الله شاھ جي سندس فرزند سميت ساڻن گڏ قتل گاھ ۾ شهيد ٿي ويا ٻيو سندن وڏو پاٽ حضرت نالي چگو شاھ جنهن کي هڪ فرزند نالي حضرت ابراهيم شاھ هئا. پاڻ ميرانپور مان هجرت ڪري ڊڀ جي ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪيائون جنهنڪري کين (ڊڀ والا) سڏيو ويو پاڻ وفات بہ اتي ئي ڪيائون.

حضرت ابراهيم شاهه (ڏيهه والا) ٻه حضرت عزت الله شاهه جي وقت ۾ ئي هن فاني جهان کي (سن 1183 هجري تاريخ 21 محرم الحرام بمطابق سن 1766 عيسوي) ڇڏي دار البقا ڏانهن روانا ٿيا. پاڻ وات الله جل شانهٗ جي محمد اسماعيل ٺٽوي صاحب کان پڇي هئاون سندن هڪ فرزند محمد زاهد شاهه هئا حضرت عزت الله شاهه پنهنجي نياڻي حضرت محمد زاهد شاهه کي ڏني هئي ۽ پاڻ هن فاني جهان مان رحلت فرمائي ويا تنهن کري گادي ڦري سائين محمد زاهد شاهه وٽ آئي ۽ سائين حضرت عزت الله شاهه کان پوءِ گادي نشين سائين حضرت محمد زاهد شاهه مقرر ٿيا. پاڻ سن 1187 هجري ۾ مسند نشين ٿيا پاڻ ذڪر پنهنجي والد برگوار حضرت ابراهيم شاهه کان پڇي هئاون.